إِنَّمَا اللهُ إِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهه)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار ڪتابي سلسلو_13

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

سرپرست
پروفيسر سيد عباد الله راشدي

چيف ايڊيٽر
محمد سليمان طاهر انڊڙ

ايڊيٽر
نور احمد ميمڻ

مشاورتي بورڊ
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڳڙي
نديم احمد سولنگي

محرم الحرام ١٤٣٢ هه مطابق ڊسمبر 2010ع

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول صلي الله عليہ وسلم | ادارو | 3 |
| تعليمات امام شاهہ ولي الله رحمة الله عليہ | ادارو | 4 |
| اسماءُ الله الحسنيٰ | حضرت پير روضي ڌڻي | 6 |
| اڌ سچ ۽ ڪوڙو سچ | چيف ايڊيٽر | 8 |
| قوم بابت جديد نظريو ۽ قرآن | محمد انس راڄپر | 11 |
| ايمان جو صحيح تصور ڇا آهي؟ | علامہ محمد غزالي | 15 |
| اسوه نوحي (عليہ الصلوة والسلام) | مولانا ابوالڪلام آزاد | 19 |
| مالي تعاون ۽ قرآني نظريو | مولانا عبداللطيف نانگراج | 23 |
| آزادي جو حقيقي مفهوم | مولانا عبداللطيف نانگراج | 24 |
| يا الله اسين توسان وچن ٽا ورجايون.... | مولانا عبدالمومن ميمڻ | 28 |
| نڪاح بابت اسوه حسنہ | مولانا شعيب الرحمن کهڙو | 30 |

سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس
حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ، نيشنل هاءِ وي
ڪراچي 75030 فون: 021-35000278 موبائل: 03002707097
www.hikmatequran.org, email: hikmatequran@gmail.com

الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.



# حڪمتِ قرآن

وَمَا أَرْسَلْنَا مِنْ رَسُولٍ إِلَّا لِيُطَاعَ بِإِذْنِ اللهِ ﴿النساء: ٦٤﴾

”ڪنهن بہ پيغمبر يا رسول (ﷺ) جي موڪلڻ جو مقصد اهو هوندو آهي تہ ان جي الله جي حڪم هيٺ اطاعت ڪئي وڃي“.

دنيا ۾ ڪوبہ رسول ان ڪري نہ موڪليو ويندو آهي تہ ماڻهو ان جي ذات جا عقيدت مند بڻجي وڃن. قرآن شريف ۾ صاف صاف فرمايو ويو آهي تہ، ”ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي هي حق نہ آهي تہ الله ان کي ڪتاب، حڪم ۽ پيغمبري ڏئي تہ وري ماڻهن کي چوي تہ الله کي ڇڏي منهنجا تابعدار بڻجو، پر چوندو تہ الله وارا ٿيو. هن ڪري تہ اوهان (الله جو موڪليل) ڪتاب پيا سيکاريو ۽ اوهين ان کي پيا پڙهو.“ (آل عمران: ٧٩)

رباني انسان بنجڻ، رسولن جو مشن آهي. ڪنهن بہ رسول انسانن کي پنهنجي ذات جي عقيدت ۾ پنهنجي چوڌاري نہ ڦيرايو آهي. انهيءَ ڪري انسانن کي بہ صاف صاف چيو ويو آهي تہ رسول جي بہ الله جي حڪم هيٺ اطاعت ڪئي وڃي حقيقت ۾ رسول جي موڪلڻ جو مقصد اهو هوندو آهي تہ ماڻهو ان کان زندگيءَ گذارڻ جو رستو معلوم ڪن. عملي طرح ان رستي تي هلڻ شروع ڪن. ڪو بہ شرعي حڪم رسول الله ﷺ جي طرفان اچي تہ ان جي سچي دل سان مڪمل تابعداري ڪن. ڪنهن نازڪ موقعي تي جڏهن ڪو حڪم انهن جي طبيعت جي خلاف اچي وڃي تڏهن بہ ڪنهن قسم جي ناگواري محسوس نہ ڪن. ٻن ماڻهن جو پاڻ ۾ جڏهن جهيڙو ٿي پوي تہ ان وقت ٻنهي ۾ انتقامي جذبو سجاڳ ٿي پوندو آهي، ڪو بہ ماڻهو پوئتي هٽڻ کي پنهنجي بي عزتي قرار ڏيندو آهي. ان موقعي تي جيڪو شخص رسول الله ﷺ جن جي آندل شريعت واري فيصلي جي آڏو پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ٿو ۽ خوشي سان ان فيصلي کي تسليم ڪري ٿو تہ اهوئي شخص سچ پچ رسول الله ﷺ جن تي ايمان آڻيندڙ، ان جو فرمانبردار ۽ عاشقِ رسول ﷺ ليکيو ويندو. جو تہ پنهنجي خواهشن ۽ سڌن کي پيغمبر ﷺ جي قدمن تي قربان ڪرڻ ئي تقرب الاهي جو ذريعو ۽ ايمان جو معراج آهي.

رسول اڪرم ﷺ جن جي اطاعت الله جي حڪم هيٺ واجب آهي، ان ڪري اها ايمان جو حصو آهي ۽ سرڪار ڪائنات ﷺ جن جي حڪم جي نافرماني ڪفر ۽ گناهہ آهي. پيغمبر ﷺ جي حڪم کي ٺڪرائي نفس جي خواهشن کي مقدم رکڻ وارو منڪر ۽ گستاخ رسول ڳڻيو ويندو. پوءِ ظاهري طرح ڪيترين بہ رسمون ادا ڪري، مدح سراين جون محفلون منعقد ڪري ۽ پاڻ کي منو ميان چوائيندو رهي، پر اهڙي منافق ماڻهو کي رسول الله ﷺ جن جي شفاعت ۽ قرب هرگز نصيب نہ ٿيندو ۽ اهو بدبخت رب جي رحمت کان پري رهندو.

> الله جڏهن بہ ڪنهن ٻانهي جي ذميداريءَ ۾ ڪي ماڻهو آڻيندو آهي، پوءِ اهي ٿورا هجن يا گهڻا تہ الله قيامت ڏينهن انهن ماڻهن بابت ضرور سوال پڇندو تہ انهيءَ ٻانهي ماڻهن جي وچ ۾ الله جي حڪم کي قائم ڪيو يا پاسيرو رکيو. ايستائين جو الله ڪائنس گهر وارن بابت سوال پڇندو. (مسند احمد)

# حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

عَن اِبن عُمر رضی الله عنهما ان رَسُولَ الله صلی الله علیه و سلم قال: اَلُمُسُلِم اَخوالُمسلم لا یظلمه ولا یُسلِمه ومن کان فی حاجة اخیه کان الله فی حاجتهٖ ومَن فَرّج عن مسلم کُربةً فرّج اللهُ عنهُ کُربةً من کُرباتِ یوم الُقیامَه ومَن سَترمُسلماً سَتَره الله یوم القیا مة ( متفق علیه)

”حضرت سيدنا عبدالله بن عمر رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته حضرت سيدنا رسول اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته هر هڪ مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي، تنهن ڪري ڪو به مسلمان ٻئي ڪنهن به مسلمان سان ڪا به زيادتي ۽ ظلم نه ڪري. نه ئي وري ڪنهن مسلمان سان ٿيندڙ ناانصافي ڪي ڏسي، ان ڪي بي يارومددگار ڇڏي ڏي، بلڪ ان جي ڀرپور مدد ڪري. جيڪو شخص ڪنهن ڀاءُ جي تڪليف ۽ ڏکئي وقت ۾ ان جي مدد ڪندو ته الله تعاليٰ سندس جون تڪليفون قيامت واري سخت ڏينهن ۾ هٽائي ڇڏيندو. (قيامت جي ڏينهن جيڪو انسان تڪليفن ڪان آزاد ٿي ويو ته اهو ڪامياب ٿي ويو). جيڪو شخص ڪنهن مسلمان ڀاءُ جا عيب ۽ ڪچايون ڍڪيندو يعني خبر هجڻ بعد انهن تي پردو وجهي ڇڏيندو ته قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ ان جي عيبن ڪي ڍڪي ڇڏيندو. (قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن ڪنهن انسان جا عيب ۽ گناهه معاف ٿي ويا ته هن گهڻو ڪجهه ڪمايو).

اسلام جي تعليم ۾ ”حقوق العباد“ ڪي ڪيڏي وڏي اهميت ڏني وئي آهي، ڪنهن انسان سان ڪا به ڀلائي ڪرڻ، ويندي ان جي عيبن تي پردو وجهڻ، (جنهن ۾ انسان ڪي ڪجهه به خرچ نٿو ڪرڻو پوي) ان جو بدلو ڪيڏو وڏو ڏنو ويو آهي جو الله تعاليٰ ان شخص جا سڀ عيب ۽ گناهه معاف ڪري ٿو ڇڏي ۽ ڪيس پنهنجن نعمتن ۽ انعامن سان نوازي ٿو ڇڏي.

ان مان معلوم ٿيو ته معاشري ڪي پاڪ ۽ صاف رکڻ، مسلمان سان ڀلائي ڪرڻ، ان جي ڏک ۽ درد ۾ ڪم اچڻ، ان جي تڪليفن ۾ ڀائيوار ٿي وڃڻ، اهڙن ڪمن ۾ الله تعاليٰ ايڏو خوش ٿئي ٿو جو الله تعاليٰ اسان ڪي قيامت واري سخت ۽ ڏکئي ڏينهن ۾ انهن ڪمن جي ڪري سڀني مصيبتن مان ڇوٽڪارو ڏئي ڇڏيندو. انسان ڪي گهرجي ته خدا جي عبادت سان گڏ ٻانهن جي خدمت ۽ ان جي حقن جي به سار سنڀال لاءِ هر وقت تيار رهي. هن جي صحيفہ اعمال ۾ خدمت خلق جا گهڻا ڪم هجڻ گهرجن...

> ڪنهن مسلمان ٻئي غريب مسلمان ڀاءُ ڪي ڪپڙو پهرايو ته جيستائين غريب جي بدن تي اهو ڪپڙو پهريل رهندو تيستائين ان ڪپڙي جي پهرائڻ وارو الله تعاليٰ جي حفاظت ۾ رهندو. (ترمذي)
>
> ***
>
> جيڪو ماڻهو دنيا ۾ نمائش ۽ شهرت جي لاءِ ڪپڙا پهريندو، ان ڪي الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن ذلت ۽ رسوائيءَ جا ڪپڙا پهرائيندو.
>
> (مسند احمد، سنن ابي دائود)



# تعليمات امام شاهہ ولي الله رحمة الله عليه

## انسان ۽ ٻين ساهہ وارن ۾ فرق

جيئن ٻيا ساهوارا کائڻ پيئڻ، نسل وڌائڻ ۽ گرمي سردي ڪان بچاءَ لاءِ گهر ٺاهڻ جا محتاج آهن، اهڙي طرح انسان به انهن شين جو پڻ محتاج آهي. انهن جسماني ضرورتن (Physically Foods) ڪي پوري ڪرڻ لاءِ اسبابن ۽ طريقن جي تلاش ۾ هر انسان جي انفراديت (Personality) ڪم نٿي ڪري. جيڪڏهن ائين هجي ها ته پوءِ پنهنجن ضرورتن ڪي پورو ڪرڻ لاءِ هر هڪ الڳ الڳ رستا سوچي ۽ اختيار ڪري ها ۽ ڪنهن هڪ شيءِ تي ڪنهن جو به گڏجڻ نه ٿئي ها.

حقيقت هيءَ آهي ته سڀني انسانن ۾ هڪ شيءِ مشترڪ آهي. اها آهي انسانيت (Humanity) يعني انسان هجڻ. انهيءَ جي ڪري ئي ڪنهن ضرورت جو حل سڀ افراد تقريباً هڪ جهڙو ئي ڪيندا آهن. هن ”مشترڪ جوهر“ جو ٻيو نالو نوعي تقاضا (Specific Tendency)آهي. هيءَ نوعي تقاضا هميشہ هڪ ئي رهندي آهي ۽ هڪ ئي رهندي. هيٺ جن شين ۾ انسان ۽ ٻين ساهوارن ۾ فرق ڪيو ويو آهي، اهو نوعي صورت جي لحاظ ڪان آهي، يعني اهي شيون انسانذات جون نوعي (انسان هجڻ جي حيثيت سان) گهرجون آهن ۽ جڏهن ته ٻين ساهوارن ڪي ائين ڪرڻ جي ابتدا ۾ قدرت جي طرفان صلاحيت ئي ڏنل نه آهي. هونئن ته انسان ڪيترين ئي خصوصيتن جي لحاظ ڪان حيوانن تي غلبو رکي ٿو، پر جيڪڏهن مجموعي طور تي غور ڪيو وڃي ته انهن ڪي ٽن حصن (Catogaries) ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو:

1. **اجتماعي مفاد** (Public Weal)

حيوان ڪا به عملي سرگرمي جڏهن اختيار ڪندو آهي ته ان ۾ ان جو ذاتي غرض ملحوظ هوندو آهي. يا ته ڪنهن ذاتي نفعي حاصل ڪرڻ لاءِ يا ڪنهن نقصان ڪان بچڻ لاءِ تحرڪ (To act) وٺندو آهي. پوءِ اهو غرض يا ته جلدي حاصل ٿيڻو هوندو آهي يا ٿورڙي مدت ڪانپوءِ. مثلاً اهو جيڪڏهن پاڻي پيئڻ گهرندو ته اتي ڪري پاڻي وٽ ويندو ۽ پاڻي پيئندو. بک لڳندس ته گاهه چرندو يا ٻئي ڪنهن جانور ڪي شڪار ڪري کائيندو. ڪڏهن وري ايندڙ وقت لاءِ ذخيرو ڪري به رکندو آهي، جيئن ماکيءَ جون مکيون، ڪِوليون وغيره ذخيرو ڪري رکنديون آهن.

پر انسان جي فطرت (Nature) ان ڪانَ بلند آهي. هو اهڙا ڪم به ڪندو آهي جنهن ۾ ان جي ذاتي غرض جو ڪو به تعلق نه هوندو آهي، خواهه نفعو پهچي يا نقصان رَسي. پر ان جي ٻين هم نسلن جو نفعو ضرور ملحوظ هوندو آهي.

مثال طور سماج ۾ بهترين نظام قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، ان ۾ سخت مصيبتون سهڻ جي باوجود جدوجهد ۾ لڳو پيو هوندو آهي ۽ ڪڏهن وري اهڙا ڪم ڪندو آهي جن جو نتيجو ڪافي سالن بعد ملڻو هوندو آهي يا مرڻ ڪانپوءِ ان جي ملڻ جي اميد هوندي آهي. اهڙي قسم جا ڪم ڪو به حيوان نٿو ڪري سگهي. اهڙي طرح ٻيا حيوان پنهنجن ٻچن جي حفاظت لاءِ ته جان جوکي ۾ وجهي سگهن ٿا، پر ڪنهن اجتماعي مفاد (يعني اهڙا ڪم جن ۾ هنن جو نه، بلڪ ٻين جانورن جو نفعو يا فائدو هجي) لاءِ پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪن، ائين نٿو ٿي سگهي. ان سان گڏ انسان درجي بدرجي پنهنجي علم ۽ اخلاق ۾ شائستگي ۽ نکار لاءِ ڪوشان رهي ٿو، جنهن مان به مقصود عام معاشر ي ڪي فائدو پهچائڻو هوندو آهي، پر ڪو به حيوان

ائين نٿو ڪري سگهي.

### 2. ذوقِ جمال (Aesthetic Taste)

حيوان پاڻ کي رڳو پنهنجي ضرورتن جي حد تائين بند رکي ٿو. مثلاً ڍور گاهه چرن ٿا، شينهن ٻين جانورن جو شڪار ڪري انهن کي ڪچو کائي ٿو، جهرڪيون ڪک ۽ تيلا گڏ ڪري پنهنجا آکيرا ٺاهينديون آهن، بگهڙ زمين ۾ ڇر ٺاهي رهن ٿا. پر انسان صرف پنهنجن ضرورتن کي پورو نٿو ڪري بلڪ اهو شين ۾ عمدگي، شائستگي ۽ لذت جو به خيال رکي ٿو. جيئن اهو نفيس کاڌا تيار ڪري ٿو، انهن کي عمده ۽ پاڪ صاف ٿانون ۾ رکي ڪري صفائي سان کائي ٿو، اهو پنهنجي لاءِ عمده، دلفريب ۽ خوبصورت ڪپڙا تيار ڪري ٿو. رهڻ لاءِ شاندار، آرامده ۽ دلنشين جڳهون تيار ڪري ٿو، پوءِ وري پنهنجي جمال جي ذوق جي تسڪين لاءِ ان کي مختلف شين سان زينت بخشي ٿو. پنهنجي جاءِ جي پويان سر سبز باغ هڻي، ان جي خوشبو ۽ بلبل جي من موهيندڙ آواز سان تازگي ۽ سڪون حاصل ڪري ٿو.

### 3. ايجاءِ تقليد جو مادو: (Creation & Emulation)

حيوان کي جڏهن ڪنهن شيءِ جي ضرورت پوي ٿي ته اهو ان کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، مثلاً: اُڃ لڳندس ته پاڻيءَ جي جاءِ تي ويندو، پر جيڪڏهن ان کي دستور ۽ معمول جي خلاف ڪا ڏکيائي پيش ايندي ته اهو ان کي ختم نه ڪري سگهندو. جيئن دٻي جو پاڻي سڪي وڃي ته پياس وگهي مري ويندو پر کوهه کوٽي پاڻي نه ڪڍي سگهندو. پر انسان ۾ اها صلاحيت آهي ته هن کي جيڪڏهن ڪا ضرورت پيش ايندي ته ان کي ممڪن حد تائين پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، پر جيڪڏهن ان ۾ ڪا دقت اچي ۽ مهيا وسيلن مان ان ضرورت جي تڪميل ممڪن نه هجي ته نيون شيون تيار ڪري، انهن جي وسيلي پنهنجي حاجت پوري ڪندو. ڪجهه انسان وري پاڻ ته تخليق يا ايجاد ڪري نه سگهند آهن، پر انهن ۾ ايتري صلاحيت هوندي آهي جو اِهي ٻئي جي ٺاهيل شيءِ کي آساني سان استعمال ڪري سگهندا آهن.

مثلاً فرض ڪريو ته عقلمند انسانن کي جڏهن اهي ضرورتون پيش آيون ته هنن ڪاڏ ۽ خوراڪ جي پيداوار جا طريقا ايجاد ڪيا، ته پوک ڪيئن پوکجي ۽ ان کي پاڻي ڪهڙي طريقي سان ڏجي ۽ هي به دريافت ڪيو ته ٻج کي ڪيئن محفوظ رکجي جو ضرورت جي وقت ان کي پوکي ڪري پيداوار حاصل ڪري سگهجي. ائين ئي ڪنهن ڄاڻوءَ ڪڏن ۽ ننڍڙن نهرن جي صورتن ۾ دريائن ۽ چشمن مان پاڻي ڪڍڻ جا طريقا ٻڌايا ۽ پاڻيءَ کي دلن، مٽڪن، مشڪيزن ۽ ساندارن جي صورت ۾ محفوظ ڪرڻ جا رستا ايجاد ڪيا. پوءِ ٻين گهٽ عقل وارن انسانن وري انهن جي ٻڌايل ۽ پيدا ڪيل طريقن کي استعمال ڪيو ۽ پنهنجون ضرورتون پوريون ڪيون. ائين ئي ٻين سڀني شين کي سمجهڻ گهرجي.

(مٿي ذڪر ڪيل شين ۾ انسان کي جيڪا حيوان تي بلڪ ٻي سموري ڪائنات تي برتري ۽ فوقيت حاصل آهي، ان مان انسان جي اهميت ۽ عظمت ۽ حيثيت جي خبر پوي ٿي. حقيقت ۾ انسان خدا جي تخليقي مشيت ۾ اعليٰ ترين صورت آهي، سندس فطرت عظيم بنائي وئي آهي ۽ هيءَ پوري ڪائنات ان لاءِ مسخر ڪئي وئي آهي. جيڪا شيءِ جيتري اعليٰ ۽ عظمت واري هوندي آهي، ان تي ذميواري به اوتري ئي پوندي آهي. انسان کي جيڪا ٻين شين تي فوقيت عطا ڪئي وئي آهي، اها هن لاءِ ته جيئن هو پنهنجو عملي ڪردار سهڻي طريقي سان ادا ڪري سگهي. ٻين لفظن ۾ خدا جي صفتن جو اعليٰ مظهر بڻجي ڪري "خليفي" جو ڪردار پورو ڪري سگهي. اهو تڏهن ڪري سگهندو جڏهن پنهنجي اجتماعي مفاد واري ماڻهپي کي قائم رکندو، زندگيءَ کي جماليت سان گذارڻ جو روادار بڻبو ۽ شين توڙي خيالن جو ايجادون ڪري پاڻ کي خالقين ۾ شمار ڪندو). (بدوربازغه ۽ شاهه وليُ الله ڪا فلسفه عمرانيات و معاشيات تان ورتل)



## اسماءُ الله الحسنيٰ[1]: حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه

# الخالق البارئ المصور

هونئن ته اهي ٽئي اسم جن (جي مصدرن) جي معنيٰ ٿيندي: پيدا ڪرڻ، وجود بخشڻ ۽ نئين سر بڻائڻ يا جوڙڻ. اهي لفظ جيتوڻيڪ پاڻ ۾ تقريباً هم معنيٰ آهن، پر پوءِ به هر هڪ کي پنهنجي مخصوص معنيٰ به آهي، جيئن "خلق" معنيٰ اندازو ڪرڻ. "برءُ" معنيٰ پيدا ڪرڻ ۽ "تصوير" معنيٰ صورت ڏيڻ. هنن ٽنهي معنائن جو پاڻ ۾ ربط ۽ تعلق هن ريت سمجهڻ کپي ته: جيڪا شيءِ عدم کان وجود ۾ آڻبي آهي ته، پهريان ان جو هڪ خاڪو مقرر ڪيو ويندو آهي، ان کان پوءِ ان کي وجود ۾ آڻبو آهي، تنهن کان پوءِ ان کي ڪا شڪل ۽ صورت ڏني ويندي آهي. ان کي سمجهڻ لاءِ هڪ جڳهه جو مثال ڏجي ٿو، جنهن جو پهريان هڪ خاڪو تيار ڪيو ويندو آهي، يعني نقشو ٺاهيو ويندو آهي، ان ڪانپوءِ ان کي ان نقشي مطابق وجود ۾ آڻبو آهي، پوءِ جڏهن جڳهه تيار ٿيندي آهي ته اها هڪ صورت ۽ شڪل وٺي بيهندي آهي. جيتوڻيڪ الله تعاليٰ جي خلقڻ وقت اهي ٽئي مرحلا هڪ ئي وقت طَي ٿيندا آهن، پر پوءِ به هر منزل درجي به درجي طئي ٿئي ٿي ۽ جيڪي ڪجهه مٿئين يا هيٺئين عالم يعني عرش کان زمين جي تهَ تائين پيدا ٿيل آهي، يا پيدا ٿيندو يا وري جيڪي ڪجهه ملڪ ۽ ملڪُوت ۾ ظاهر ٿي چڪو آهي يا ٿيندو، اهي سڀ ان خلقڻ، خاڪي تيار ڪرڻ، وجود ڏيڻ ۽ صورت بخشڻ جا شاهڪار آهن ۽ هن ساري جهان جو پيدا ڪندڙ اهو ئي آهي، جنهن مضبوط ترتيب، سهڻي صورت، حڪمتن ۽ بيشمار مصلحتن سان ڀرپور هن سٺي سنسار کي وجود عطا ڪيو آهي ۽ ان سڄي مخلوق کي وڏي حڪمت سان هڪ مربوط قانونن تحت ترتيب سان پيدا ڪيو آهي.

فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخٰلِقِيْنَ ﴿١٤﴾. (المومنون:١٤) سبحان الله، "بابرڪت آهي اهو الله جيڪو سڀني کان وڌيڪ سهڻو خلقيندڙ آهي".

**تعلق:**

هنن ٽنهي اِسمن سان تعلق (نسبت جوڙڻ)، عارف کي هن ريت نصيب ٿئي ٿو، ته ڀانهو ان جي پيدا ڪيل هر شيءِ تي جڏهن نظر وجهي يا ڪا صورت ڏسي ته ان صورت جي اندر ان جي ڪاريگر/ ٺاهيندڙ جو مشاهدو ماڻي ۽ هر شيءِ کي هميشه نصيحت، عبرت، فڪر ۽ سوچ واري اک سان ڏسي.

**تخلق**

هنن اِسمن سان ٻانهي جو تخلق (صفت اپنائڻ) جو مطلب هي آهي، تہ ٻانهي ۾ اهي مٿيون صفتون مجازي طور هونديون آهن، ڇو تہ هر شيءِ جو خالق باري تعاليٰ آهي، مگر ٻانهي کي پنهنجي ڪمن ۾ پاڻ ڪوشش ڪرڻ ۽ هٿ وجهڻ ضروري آهي، جن سان ئي هو ڪماليتن ۽ عبادتن کي حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ پنهنجي اندر ۾ جسمانيت ۽ روحانيت جي سهٽين عملي صورتن جي تحصيل ڪري سگهي ٿو ۽ دل جي حضور ۽ توجهہ سان الله تعاليٰ جي نوازشن ۽ مهربانين مان فيضياب ٿي سگهي ٿو. ڪي بزرگ فرمائين ٿا تہ هِنن اِسمن سان تخلق (صفت اپنائڻ) جي معني هيءَ آهي تہ جنهن وقت عبادت ۽ اطاعت کان فارغ ٿئي تہ ڪو اهڙو ڌنڌو يا ڪم ڪري، جنهن جي ذريعي پنهنجو گذران ڪري سگهي، خاص طور اهڙو ڌنڌو اختيار ڪري جو ان جو اثر ڪائنس پوءِ بہ باقي رهي ۽ هن ڪانپوءِ ٻيا بہ ان مان فيضياب ٿين ۽ فائدو حاصل ڪندا رهن.

**تعبد**

عبدالخالق: خلقڻهار جو ٻانهو، اهو شخص آهي جيڪو هر شيءِ جو اندازو ۽ ان جو فيصلو الله تعاليٰ جي مرضي مطابق ڪري، ڇوتہ جڏهن الله پنهنجي صفت ”خلق ۽ تقدير“ جي مٿس تَجلي فرمائي آهي، تہ هاڻي هي پاڻ ڪنهن شيءِ جو اندازو ۽ تعيُن اهڙو ڪندو جهڙو ان شيءِ واسطي باري تعاليٰ ڪيو آهي.

عبدالباري: پيدا ڪندڙ جو ٻانهو، جنهن جي هڪ معنيٰ تہ ”عبدالخالق“ واري ساڳي معنيٰ آهي، پر ٻي معنيٰ ۾ ”باري“ جو ٻانهو، اهو آهي جنهن جو عمل هر فرق ۽ اختلاف کان پاڪ هجي. تنهن ڪري هو اهڙو ئي عمل ڪندو جيڪو اسم ”باري“ جي مطابق ۽ ان سان مناسب هوندو، ڇو تہ، ”باري“ لفظ برءَ ورتل مان آهي، جنهن جي معنيٰ آهي فرق ۽ تفاوت کان پري (پاڪ) جيئن هن آيت مبارڪ ۾ آهي: مَا تَرٰى فِيْ خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ تَفٰوُتٍ (الملڪ: ٣) ”رحمٰن جي خلقڻ ۾ ڪو تفاوت نہ ڏسندين“.

هاڻي جڏهن تہ ان شخص تي بہ اسم ”باري“ جي تجلي پئي آهي، تنهن ڪري هن جو هرڪو عمل فرق ۽ اختلاف کان پاڪ هوندو ۽ ”الباري“ بہ انهن اِسمن مان آهي جيڪي اِسم ”الرحمٰن“ جي شاخ آهن يعني جن اِسمن تي اِسم ”رحمٰن“ شامل آهي.

عبدالمصور: يعني مصور جو ٻانهو، اهو آهي جيڪو پاڻ سان گڏ ٻئي شخص کي بہ اها صورت ڏئي جيڪا صورت حق تعاليٰ جي حڪم ۽ رضا مطابق ۽ موافق هجي. ان ڪري تہ ان ٻانهي جو فعل الله جي پنهنجي اسم ”مصور“ جي تجلي سان آهي.

> توهان جنت ۾ نٿا وڃي سگهو، جيستائين ايمان وارا نٿا ٿيو ۽ توهان پورا مومن نٿا ٿي سگهو، جيستائين توهان کي هڪ ٻئي سان محبت ناهي. ڇا مان توهان کي اهڙي ڳالهہ نہ ٻڌايان جو ان تي عمل ڪريو تہ اوهان کي هڪ ٻئي سان محبت پيدا ٿي وڃي. اها ڳالهہ هي آهي تہ پاڻ ۾ سلام جو رواج ڦهلايو ۽ ان کي عام ڪريو. (مسلم)



ايڊيٽوريل

چيف ايڊيٽر

# اڌ سچ ۽ پورو سچ

قرآن مجيد مال ۽ دولت کي گڏ ڪرڻ ۽ ان کي مخلوق جي حاجتن ۽ تڪليفن تي خرچ نہ ڪرڻ کي ”فساد في الارض“ سان تعبير ڪيو آهي. سوره قصص ۾ قارون جي واقعي بيان ڪرڻ وقت ارشاد فرمايو ويو تہ: ” وَلَاتَبْغِ الْفَسَادَفِى الْأَرْضِ إِنَّ اللهَ لَايُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ “ ﴿القصص: ٧٧﴾

قارون کي اهو ڪونہ چيو ويو تہ تون حرام ذريعن سان مال ڪمايو آهي، تون هارين ۽ مزدورن جو استحصال ڪري دولت ڪٺي ڪئي آهي. پر کيس چيو ويو تہ: أَحْسِنْ كَمَا أَحْسَنَ اللهُ إِلَيْكَ ”جيئن دولت ذريعي الله تعاليٰ تنهنجي مٿان احسان ڪيو آهي تہ تون بہ ماڻهن تي احسان ڪر.“ مگر هن دولت کي خدا جو احسان ۽ نعمت نہ سمجهيو، بلڪ ان کي پنهنجي علم، صلاحيت ۽ مهارت سان لاڳاپي ڇڏيو. ان ڪري الله تعاليٰ دولت جي خرچ نہ ڪرڻ کي فساد في الارض قرار ڏئي دولتمند قارون کي هڪ فسادي ۽ باغي انسان قرار ڏنو. مگر اڄ جا دولتمند ۽ ”تڪاثر“ (گهڻي کان گهڻو گڏ ڪرڻ) جي مرض ۾ مبتلا ماڻهو ۽ ”الَّذِى جَمَعَ مَالًا وَعَدَّدَهُ“ ﴿الهمزة: ٢﴾ (مال ڪٺو ڪرڻ ۽ ڳڻيندو رهڻ) واري استحصالي بيماري ۾ ڦاٿل انسان، جيڪي نهايت ظلم ۽ زيادتي سان انسانن جي پيداواري وسيلن تي ڌاڙا هڻي دولت جا انبار ڪٺا ڪري چڪا آهن. ڇا اهي فسادي، باغي ۽ قومي ڏوهاري ناهن، ڇا اهي واجب القتل ناهن، ڇا انهن کي قارون وانگر زمين ۾ غرق نہ ڪيو وڃي؟

امام احمد بن حنبل، ابوبڪر جصاص، امام دائود ظاهري، امام ابن حزم اندلسي ۽ ٻين بي شمار فقيهن صاف لکيو آهي تہ بکايل ۽ مفلس انسان کي اهو حق حاصل آهي تہ هو جيڪڏهن بک وگهي مرڻ تائين پهچي وڃي تہ بک مٽائڻ لاءِ هو دولت مند سان جنگ ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن دولت مند هلاڪ ٿي وڃي تہ مفلس تي نہ قصاص آهي ۽ نہ ئي وري ديت ۽ کيس آخرت ۾ قتل جي عذاب ۾ بہ ڪو پڇاڻو نہ ٿيندو.

فقيهن جو ان ڳالهہ تي بہ اتفاق آهي تہ ان ڳوٺ جا سڀ ماڻهو گنهگار ٿي اٿندا جنهن ڳوٺ ۾ هڪ بہ ماڻهو بک وگهي مري وڃي ۽ ڳوٺ وارن ان جي سار سنڀال نہ لڌي هجي. اهڙو ڏوهہ فوجداري قانون هيٺ بہ اچي سگهي ٿو. سمورا ڳوٺ وارا ان بکايل شخص جي هلاڪ ٿيڻ تي ديت بہ ڀريندا. اڄ مسلم معاشري ۾ سوين ماڻهو خودڪشيون ڪن ٿا، بک سبب پاڻ کي ساڙين ٿا. پنهنجي ٻچن ۽ اولاد کي وڪڻڻ لاءِ بازارن ۾ هوڪا ڏيندا ٿا وتن، بي روزگاري ۽ افلاس کان تنگ اچي اولاد کي ۽ گهر وارن کي قتل ڪندا ٿا رهن. مگر معاشري جا دولت مند ماڻهو انفاق ۽ احسان کان عاجز آهن. انهن کي ڪو بہ اونو ڪونهي . هو هوٽلن تي وڃي پنهنجن ٻارن سان گڏ هڪ ويلي جي کاڌي تي ڏهہ ڏهہ هزار رپيا ضايع ڪري اچن ٿا. هو تفريح خاطر ٿڌن علائقن ۾ وڃي لکين رپيا لٽائي اچن ٿا. هڪ ٻيرو سال ۾ ٻاهرين ملڪن جو چڪر لڳائڻ بہ هنن جي مزاج

درست رکڻ لاءِ تمام اهم آهي. ان تي ته ڪروڙين رپيا خرچ ڪرڻ تمام ضروري آهي. اهو عمل هن وقت اهي فطرت مسخ شده انسان ڪري رهيا آهن، جڏهن ته معاشري جا مفلس ماڻهو، سندن اڙوس پڙوس جا رهاڪو، مُردي کي ڪفن ڏيڻ لاءِ به پريشان آهن. ڇا اغوا، ڌڪيتي، چوري، قتل ۽ رهزني جا واقعا اهڙي هلاڪت خيز ماحول ۾ معمول نه ٿا بڻجي سگهن. ڇا اهڙن واقعن جي خلاف انهن پيٽ پريل بد ڪردار انسانن کي مذمت ڪرڻ جو حق ڏئي سگهجي ٿو؟ ڇا اهو وقت هاڻي پري آهي جڏهن بکايل ۽ اگهاڙن پيرن وارا مظلوم انسان ٻاهر نڪري ايندا ۽ عاليشان گهرن ۽ ماڙين کي مٿائي ڇڏيندا. گهر جي رهاڪو بدڪردار ماڻهن کي الٽو ٽنگي چوراهن تي ڦاهيون ڏيندا ۽ ”فساد في الارض“ ۽ بغاوت جي ڏوهه جو خدائي انتقام وٺندا؟

”مڪافاتِ عمل“ جو خدائي قانون جڏهن حرڪت ۾ ايندو ۽ انقلاب جو لمحو جڏهن ويجهي کان ويجهو ٿيندو ويندو ته اوهان هت ئي ڏسندؤ ته ظالم، مستڪبر، مترف، مسرف جيڪي سمجهن ٿا ته هر سال عمرو ڪري هو خدا کي راضي ڪن ٿا ۽ مدرسن ۾ چندو ڏيئي مال کي پاڪ رکيون اچن ٿا هي ظالم پنهنجن نوڪرن، ملازمن، مزدورن ۽ هارين کي ايترو به سندن محنت جو حق ادا ڪرڻ لاءِ تيار ناهن جنهن سان هو پنهنجون ضرورتون پوريون ڪري سگهن. مزدور ۽ نوڪر جي ماهوار پگهار هوٽل جي هڪ ويلي جي اسراف کان به گهٽو گهٽ هوندي آهي. صنعتڪار سال به سال نئين مل ۽ فيڪٽري لڳائي ٿو مگر مزدور پوري عمر پنهنجي ڪرائي جو مڪان تبديل نٿو ڪري سگهي. هن کي اها حسرت حياتي ۾ رهي ٿي ته ڪاش هن جو پنهنجو گهر به هجي جنهن جو هو مالڪ هجي. الميو وري اهو آهي ته سرمائي مان سرمائي وڌائڻ ۽ امير جي امير تر ٿيڻ جي انهيءَ نظام کي مذهبي پيشوائيت جي ٽوڙي مليل آهي. هن وقت سڄي عالم اسلام ۾ سيٺين کي چيو ويو آهي ته اهي سال ۾ پنهنجي بچت رقم تي ادائي سيڪڙو ڪڍي آجا ٿي وڃن ٿا. ليڪن اهو نظام جنهن ۾ پورهئي جو استحصال ٿئي ٿو، پورهيت جي ضرورتن کي نظر ۾ رکي ان جي اُجرت متعين نه ٿي ٿئي پر ان جي مجبورين جو ناجائز فائدو وٺي ان جي اُجرت متعين ڪئي وڃي ٿي. اهڙيءَ طرح رياست جي اجتماعي وسيلن تي پورهيت جو حق تسليم نه ٿو ڪيو وڃي، اها استحصال جي بدترين شڪل آهي، انهيءَ نظام جي خلاف مذهبي طبقن جو ڪو به ردعمل سامهون نه ٿو اچي. ٻئي طرف انهيءَ استحصال جي نتيجي ۾ ڌرتيءَ جي مٿان آسمان هي لقاءُ وري وري ڏسي چُڪو آهي ته انهن سرمائيدارن جي انهيءَ طريقي سان ڪمايل دولت تي انهن جو اولاد ڪتن وانگر هڪ ٻئي سان وڙهندو رهي ٿو ۽ انهن جون پاڻ ۾ دشمنيون پيدا ٿينديون رهيون آهن. ڇو ته استحصالي ۽ ظلم جي ڪمايل دولت جا اهڙائي نتيجا تاريخ ۾ عبرت جو نشان بڻيل آهن. جڏهن محنتڪش انسانن جا تون حق ڦٻائين ٿو ۽ انهن کي افلاس جي موت ۾ ڌڪيلي ٿو ڇڏين ته انهن جي بد دعائن سان تنهنجي آخرت پڻ تباهه ۽ برباد ٿي ويندي. ان حرام جي دولت مان هڪ رپيو به توکي عذاب الاهي کان بچائي نٿو سگهي ۽ هن دنيا ۾ به اها دولت قتل ۽ خونريزيون ڪرائيندي رهندي، جنهن جو وبال به تنهنجي مٿان پوندو.

مفاد پرستيءَ جي هن دور ۾ پورو سچ نٿو چيو وڃي ۽ نه ئي لکيو وڃي ٿو. اڌ سچ هي آهي ته ڪجهه ماڻهو معصوم ٻارن کي اغوا ڪن ٿا. ڪوچن تي ڌاڙا هڻي مسافرن کي لٽين ۽



ڦرين ٿا. گهرن ۾ گهڙي سامان کڻي وڃن ٿا. رستن تي قتل ۽ غارتگري ڪن ٿا. ڪي وري بمن جا ڌماڪا ڪن ٿا. بي گناهه شهرين جو قتل عام ٿئي ٿو. مقدس جاين تي ماڻهن کي هلاڪ ڪيو وڃي ٿو. اهي سڀ ڏوهاري، قومي مجرم، انسانيت جا دشمن ۽ ملت جا ويري آهن. انهن کي واقعي سخت سزائون ڏنيون وڃن. پر ان کان پوءِ پورو سچ هي آهي ته اصل ڌاڪو، چور ۽ ڏوهاري اهي آهن جيڪي صدر هائوس، وزير اعليٰ هائوس ۽ جي ايچ ڪيو ۾ رهائش پذير آهن. قومي دولت ۽ وسيلن جي اهي ”معتبر ۽ شريف“ ماڻهو ڦر لٽ ڪن ٿا. انهن حڪمرانن گذريل سٺ سالن کان وڏيڪ عرصي ۾ هن ملڪ جي عوام جي جيڪا ”خدمت“ ڪئي آهي، اها آهي ”قومي خزاني کي لٽڻ ۽ ڦرڻ“. انهن قومي دولت ذريعي مليون ۽ فيڪٽريون ٺهرايون آهن. انهن ٻاهرين بئنڪن ۾ سموري دولت ڪٺي ڪئي آهي. انهن يورپ ۽ آمريڪا ۾ ذاتي گهر ۽ ماڙيون بڻايون آهن. اهي حڪمراني ان ڪري ڪندا آهن ته ان ذريعي هو دولت جا آساني سان انبار ڪٺا ڪري سگهن. عوام، جمهوريت ۽ مذهب جو نالو استعمال ڪري عوام کي دوکو ڏيندا رهن ٿا ۽ عوام آساني سان انهن دوکيبازن کان دوکو کائيندو ٿو رهي. عام طرح عوام بي سمجهه، جذباتي ۽ تقليدي ذهن رکندو آهي ۽ اهو جنرلن ۽ سياستدانن کان دوکي کائڻ جو هميشه عادي رهيو آهي. پورو سچ اهو آهي ته حڪمران عوام کي بک ۽ افلاس ڏانهن ڌڪيندا ٿا رهن ۽ پوءِ ويچارو عوام انهن ننڍن ننڍن گناهن ۾ مبتلا ٿي معاشري کي بد امني جي روڳ ۾ مبتلا ڪيو آهي، پر ان جي پيدا ڪرڻ ۾ حڪمرانن جو ئي دخل آهي. اهي آمريڪا جي غلامي جو طوق ملڪ کي پارائين ٿا، امريڪي مفاد ۾ جنگيون ڇيڙين ٿا. امريڪي ڊالرن جي حاصل ڪرڻ خاطر فوج سان ساز باز ڪري پنهنجن ماڻهن جو قتل عام ڪرائين ٿا ۽ ڊالرن جي عيوض پنهنجي ملڪ جا شهري امريڪا جي حوالي ڪن ٿا. ملڪ ۾ بحرانن کي جنم ڏيئي عوام کي غربت جي آخري حد تائين پهچائين ٿا ۽ پوءِ ٻاهرين امداد کي حاصل ڪري عياشيون ڪن ٿا. هڪ مخصوص ٽولو هن ملڪ تي قابض آهي ۽ اهو ٽولو هر دور ۾ قابض ٿيندو پيو اچي ۽ ايندڙ دور ۾ به اهو ٽولو ئي قابض رهندو. عالمي ڪفر جو ايجنٽ اهو طاغوتي ٽولو گهڻو ڪري پوري عالم اسلام تي ڇانيل آهي. ان ٽولي پنهنجا فڪر، موقف ۽ نظريا گهڙيا آهن ۽ انهن کي ڪن مذهبي پيشوائن جي تائيد به حاصل آهي ۽ پوءِ اهي سڀ گڏجي سڏجي ڪرپشن ۽ لٽ ڦر ۾ شامل ٿي وڃن ٿا. دنيا هاڻي شعور جي اک کولي آهي. انسانن کي شعور ۽ آگاهي ڏيڻ جو هي لمحو آهي. قرآن مجيد کان وڌيڪ ٻي ڪنهن هنڌ تان شعور نٿو ملي سگهي. اچو ته گڏجي قرآن جي انقلابي نظريي تي گڏ ٿيون ۽ اعليٰ ۽ بلند نصب العين يعني انسان ذات جي آزادي ۽ پنهنجي خالق جي ڏنل منشور تي ڪٺو ٿي وڃون. ان بلند نصب العين ذريعي اسان لاءِ روشني جي صبح اڀري سگهي ٿي.

به بکيا بگهڙ ٻڪرين جي ڌڻ ۾ ڇڏيا وڃن ته اهي ٻڪرين کي انهيءَ کان وڌيڪ تباهه نه ٿا ڪري سگهن جيترو ماڻهوءَ جي دين کي دولت، عزت ۽ مرتبي جو حرص تباهه ڪندو آهي. (ترمذي، دارمي)

**محمد انس راڄپر**

# قوم بابت جديد نظريو ۽ قرآن

پاڪستان جي نهڻ جو بنياد ٻه قومي نظريي کي بنايو ويو. تصور اهو ڏنو ويو ته دنيا ۾ قومون صرف ٻه آهن: مؤمن ۽ ڪافر. جهڙوڪ نبي صلي الله عليه وسلم جي بعثت ۽ قرآن جو نزول دنيا مان قومن ۽ قبيلن کي ختم ڪري دنيا کي ٻن قومن ۾ ورهائڻ لاءِ ٿيو.

جيڪڏهن ائين چئجي ته دنيا مان اختلاف ختم ڪرڻ لاءِ نبي ﷺ جي بعثت ۽ قرآن جو نزول ٿيو ته اهو چوڻ بلڪل صحيح ٿيندو. جيتوڻيڪ قومن ۽ قبيلن ۾ باهمي مفادن جي ٽڪراءَ جي ڪري اختلاف پيدا ٿيندو رهيو آهي. ته ٻه اهو چوڻ صحيح نه ٿيندو ته اسلام قومن ۽ قبيلن کي ختم ڪرڻ گهري ٿو. ڇاڪاڻ ته اختلاف جو سبب قوم ۽ قبيلو نه هوندو آهي؛ مفادن جو ٽڪراءُ اختلافن جو سبب ٿيندو آهي. مفادن جي ٽڪراء کي حل ڪرڻ لاءِ اسلام نظام عدل ڏنو آهي؛ قومن کي ختم ڪرڻ لاءِ اسلام اهڙو ڪوبه فارمولو نه ڏنو آهي. بلڪ قومن ۽ قبيلن ۾ ماڻهن کي ورهائڻ جي عمل جي الله پاڻ ڏانهن نسبت ڪئي آهي، جيڪا ڳالهه ان جو دليل آهي ته الله تعاليٰ ان ورهاست کي رد نه پر قبول ڪري ٿو. بلڪ اهو ٿو ثابت ٿئي ته اهو عمل فطري آهي. الله جو فرمان آهي: وَ جَعَلْنٰكُمْ شُعُوْبًا وَّ قَبَآئِلَ لِتَعَارَفُوْا ؕ ”اسان اوهان کي شعبن ۽ قبيلن ۾ ورهايو آهي، ته اوهان جو پاڻ ۾ تعارف ٿي سگهي“.(الحجرات:١٣)

بني اسرائيلن جي قبيلن ۾ تقسيم کي الله پاڻ ڏانهن منسوب ڪندي فرمايو آهي: وَقَطَّعْنٰهُمُ اثْنَتَيْ عَشْرَةَ اَسْبَاطًا اُمَمًا . (الاعراف:١٦٠) نه صرف اهو پر ماڻهن جي مختلف ميڙن ۽ گروهن کي جيڪي علامتون قوم ۽ قبيلي جي سڃاڻ ڏينديون آهن، تن کي نه رڳو الله پيدا ڪيو آهي، پر انهن کي الله پنهنجي نشانين مان هڪ نشاني قرار ڏنو آهي. اهي نشانيون آهن رنگ ۽ زبان. جيئن فرمان آهي:

وَ مِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَ اخْتِلَافُ اَلْسِنَتِكُمْ وَ اَلْوَانِكُمْ ؕ (الروم:٢٢)

”الله جي نشانين مان آهي آسمانن ۽ زمين جي پيدائش ۽ اوهان جي زبانن ۽ اوهان جي رنگن جو اختلاف“.

ٻئي هنڌ الله تعالي فرمايو آهي:

وَ مِنَ النَّاسِ وَ الدَّوَآبِّ وَ الْاَنْعَامِ مُخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ كَذٰلِكَ ؕ (فاطر:٢٨)

”۽ ماڻهن، جانورن ۽ چوپاين جا ٻه ان طرح مختلف رنگ آهن“.

الله زمين جي مٿاڇري تي موسمون ٻه مختلف رکيون آهن، نشيب ۽ فراز، هيٺاهيون ۽ مٿاهيون پيدا ڪيون آهن. ڪٿي ريتيلي زمين آهي، ته ڪٿي پٿريلي ۽ ڪٿي ميداني. پيداواري ذريعا، جيڪي انسان لاءِ رزق ۽ روزگار جو ذريعو آهن، سي مختلف جڳهن تي مختلف آهن. اهي سڀ لقاءَ آهن جيڪي الله پيدا ڪيا آهن ۽ اهي سڀ انسان جي مزاج، رنگ، رهڻي ڪهڻي، اٿڻي ويهڻي، لباس، ڪاروبار، زبان وغيره کي جدا جدا ۽ مختلف بنائن ٿا. انهن کي نه ماڻهو



پيدا ٿو ڪري سگهي نه تبديل ٿو ڪري سگهي، ان ڪري قومن جي فرق کي ٻه انسان ختم نه ٿو ڪري سگهي. الله تعاليٰ ان ئي سبب جي ڪري قومن ۽ قبيلن کي ٺاهڻ جي نه صرف پاڻ ڏانهن نسبت ڪئي آهي، پر اهي عوامل ۽ لقاءَ جيڪي ماڻهن جي رنگ، زبان ۽ رهڻي ڪهڻي ۾ فرق جو سبب بنجن ٿا، انهن کي ٻه الله پنهنجي نشانين مان ڳڻايو آهي.

تنهن جي ڪري اهو چوڻ بنهه غلط ٿيندو ته الله پنهنجي دين اسلام جي ذريعي قومن کي ختم ڪرڻ ٿو گهري. نه رڳو اهو ته دين اسلام قومن کي ختم ڪرڻ نه ٿو گهري پر دين اسلام پنهنجي مڃيندڙن جي الڳ قوم بنائڻ ٻه نه ٿو گهري. نه ئي اسلام پنهنجي مڃيندڙن کي قوم بنائڻ جي ڪا تعليم ڏني آهي.

لغوي لحاظ کان ”قوم“ جو اصل مادو ”ق. و. م“ آهي. عربيءَ ۾ اهو مادو جن مختلف صيغن ۾ استعمال ٿيو آهي، اتي ان جي معنيٰ ۾ جاءِ ۽ زمين کي وڏو دخل آهي. جيئن ان جي هڪ صورت آهي ’قام‘: بيهڻ. هن معنيٰ لاءِ ضروري آهي ته ڪا جاءِ هجي جتي بيهڻ جو عمل ٿئي. ’قيام‘: رهڻ ۽ ڪنهن هنڌ کي وطن بنائڻ جي معنيٰ ڏيندو آهي. ’المقام‘: رهڻ جي جاءِ. ’مقيم‘: رهائشي، ’القائم والقيم‘: ثابت ۽ سڌو، جنهن ۾ ٽيڙائي ڦڏائي نه هجي،’اقامة‘ رهائش اختيار ڪرڻ. ’تقويم‘ مصدر آهي، چئبو آهي: ’قوم الشي‘: بمعنيٰ ’عدلہ‘: ٺيڪ بنايائين، ان ۾ جيڪي ٽيڙايون ۽ ڦڏايون هيون، سي ڪڍي ڇڏيائين. قوم: ماڻهن جي اهڙي جٿي کي چئبو آهي، جيڪي ڪنهن هڪ جاءِ تي گڏ ٿيا هجن ۽ اهي هڪ ٻئي کي قوت فراهم ڪندڙ ۽ گڏجي هڪ ٻئي کي سگهه فراهم ڪندڙ هجن. معجم الفاظ القرآن الڪريم ۾ آهي: ”ماڻهوءَ جي قوم ان جي قريبن کي چئبو آهي، جيڪي ان جا تابع ۽ ان سان گڏ رهندڙ هجن“ ’نبي جي قوم‘ ان جو ڪٽنب آهي ۽ اهي جيڪي ساڻس وطني يا اهڙا ٻيا اجتماعي رابطا ۽ تعلق رکندڙ هجن. قرآن ۾ قوم نوح، قوم هود، قوم ابراهيم، قوم لوط، قوم موسيٰ، قوم تبع ۽ قوم صالح جي اضافت سان قوم جو ذڪر ٿيو آهي. هر جڳهه تي مراد اها آهي جيڪا مٿي ٻڌائي وئي. پوءِ نبيءَ جا اهي هم قومي مؤمن هجن يا ڪافر، سندس قوم چئبا. جيئن قرآن ۾ قارون لاءِ چيو ويو آهي:

اِنَّ قَارُوْنَ كَانَ مِنْ قَوْمِ مُوْسٰى فَبَغٰى عَلَيْهِمْ ۪ (قصص:٧٦)

”قارون موسي عليه السلام جي قوم مان هو، پوءِ پنهنجي قوم تي ظلم ڪيائين“

نوحؑ جي ڪافر سردارن کي الله سندس قوم سڏيو آهي، جيئن سندس فرمان آهي:

فَقَالَ الْمَلَؤُا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖ (مؤمنون:٢٤)

”نوح جي قوم جي جن سردارن ڪفر ڪيو، انهن چيو“

اهڙيءَ طرح نبي جي مٿان ايمان آڻيندڙ جي، مومن ۽ مسلمان هئڻ باوجود قوم اها سڏبي جنهن سان ان جو وطني تعلق آهي، جيئن قرآن جي هن آيت مان اهو سمجهه ۾ اچي ٿو:

فَاِنْ كَانَ مِنْ قَوْمٍ عَدُوٍّ لَّكُمْ وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مُّؤْمِنَةٍ ؕ (النساء:٩٢)

”جيڪڏهن اهو مقتول اوهان جي دشمن قوم مان آهي ۽ مومن آهي ته مومن ٻانهو آزاد ڪرڻو آهي“.

قوم جي جديد تعريف ۾ ٻي جيڪا شيءِ ڪم ايندي آهي، سا آهي زبان. ان کي الله تعاليٰ قوم ڏانهن منسوب ڪري بيان ڪيو آهي. جيئن سندس هن فرمان ۾ نظر اچي ٿو:

وَمَآ اَرْسَلْنَا مِنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا بِلِسَانِ قَوْمِهٖ (الابراهيم:٤)

"اسان رسول هميشه ان جي قوم جي زبان وارو موڪليندا آهيون".

بني اسرائيل هڪ قوم آهن. انهن کي الله تعاليٰ فرعون جي غلاميءَ مان نجات ڏني ۽ انهن تي قوم جي حيثيت ۾ وڏا انعام ڪيائين ۽ انهن کي اهي احسان ياد ڏياريندي فرمايائين:

يٰبَنِيْٓ اِسْرَاۗءِيْلَ اذْكُرُوْا نِعْمَتِىَ الَّتِىْٓ اَنْعَمْتُ عَلَيْكُمْ وَاَنِّىْ فَضَّلْتُكُمْ عَلَي الْعٰلَمِيْنَ (البقره:٤٠)

"اي بني اسرائيليو! منهنجي انهن نعمتن کي ياد ڪيو جيڪي مون اوهان تي ڪيون ۽ مون اوهان کي دنيا جي قومن تي فضيلت عطا ڪئي".

هن مان ثابت ٿئي ٿو ته ڪنهن قوم جي عزت، آجپو، اقتدار، سڏارو ۽ سربلندي حاصل ڪرڻ، ان قوم جو اهڙو حق آهي، جيڪو الله تعاليٰ قومن کي عطا فرمائي ٿو ۽ اهو ان جو انعام آهي. ان ڪري قوم کي غلاميءَ مان نجات ڏيارڻ، قوم جي عزت ۽ آجپي لاءِ جدوجهد ڪرڻ گناهه ڪونهي، نيڪي آهي. اهڙي نيڪي جنهن لاءِ الله تعاليٰ حضرت موسيٰ ۽ حضرت هارون عليهما السلام جي بعثت فرمائي.

ڪا قوم جيڪڏهن ڪمزور، پست ۽ محڪوم بنائي وڃي ته ان کي ڪمزور حالت مان ڪڍي غلبو، اقتدار، آجپو ۽ عزت ڏيارڻ، ان کي ظلم، پستيءَ ۽ مصيبتن مان ڪڍڻ غلط نه، پر الله جي ارادي ۽ مشيت جي تڪميل ڪرڻ برابر آهي. الله تعاليٰ بني اسرائيلن جي فرعون جي غلاميءَ مان نجات لاءِ حضرت موسيٰ عليه السلام جي بعثت جي ذڪر جي موقعي تي فرمايو آهي:

وَنُرِيْدُ اَنْ نَّمُنَّ عَلَي الَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا فِي الْاَرْضِ وَنَجْعَلَهُمْ اَىِٕمَّةً وَّنَجْعَلَهُمُ الْوٰرِثِيْنَ ۝ وَنُمَكِّنَ لَهُمْ فِي الْاَرْضِ وَنُرِيَ فِرْعَوْنَ وَهَامٰنَ وَجُنُوْدَهُمَا مِنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَحْذَرُوْنَ (القصص:٥تا٦)

" اسان ارادو ڪيو آهي ته جن (بني اسرائيلن) کي زمين ۾ ڪمزور بنايو ويو آهي، تن کي امام بنايون ۽ زمين جو وارث بنايون. انهن کي زمين تي حاڪميت عطا ڪري، فرعون، هامان ۽ سندن لشڪر کي اهو (انقلاب) ڏيکاريون، جنهن کان اهي ڊڄندا هئا".

البته پنهنجي قوم جي ظلم تي مدد ڪرڻ، ان جي ٻي قوم تي ناجائز غلبي، قبضي ۽ ظلم ۾ ان جو ساٿ ڏيڻ قوم جي استعماري ۽ سامراجي عزائم ۾ ان جي ساٿاري بنجڻ جي اجازت نٿي ڏئي سگهجي. ان عمل کي نبي ﷺ جن عصبيت قرار ڏنو آهي. جيئن جاهليت جي زماني ۾ ڏاڍا قبيلا هيڻن تي حملا ڪندا هئا ۽ هر قبيلا ماڻهو پنهنجي قبيلي جي هر حال ۾ مدد ڪندا هئا. چاهي اهو حق تي هجي چاهي ناحق تي، انجي نبي ﷺ جن مذمت فرمائي ۽ ان کي عصبيت قرار ڏيندي فرمايو: من مات علي العصبية فليس منا. "جيڪو عصبيت تي مري ويو، اهو اسان مان ناهي". "عصبية" جو مادو 'ع.ص.ب' آهي، بدن جي پٺن ۽ نسن کي، ناناڻي ڏاڏاڻي مائٽيءَ جا ٻئي طرف جنهن پشت ۾ ملن. ان کي ۽ علم ميراث ۾ ذوي الفروض کي 'عصبة' چئبو آهي. ان لحاظ کان نسلي تعلق جي بنياد تي، جائز ناجائز جو لحاظ ڪرڻ بنا، لڙائي ڪرڻ کي 'عصبية' چئبو آهي.



قرآن جو نقطهءِ نظر ته اهو آهي ته مومنن جون ٻه جماعتون جيڪڏهن پاڻ ۾ وڙهن ته مومن جو فرض اهو ناهي ته اهو ان لڙائيءَ جو حصو بنجي. بلڪ مومن جو فرض اهو آهي ته ٻنهي مومن جماعتن ۾ صلح ڪرائي، پر جڏهن ڏسجي ته مومنن جي ٻنهي جماعتن مان هڪ جماعت ٻيءَ تي ظلم ٿي ڪري ته ان صورت ۾ ويهي صلاتون ڪونه پڙهبيون، پر مومن جي مٿان الله جي طرفان فرض عين آهي ته ظلم ڪندڙ جماعت سان ايستائين لڙائي ڪندو رهي جيستائين ظلم جو فيصلو ٿي وڃي. قرآن ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَاِنْ طَاۗىِٕفَتٰنِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اقْتَتَلُوْا فَاَصْلِحُوْا بَيْنَهُمَا ۚ فَاِنْۢ بَغَتْ اِحْدٰىهُمَا عَلَي الْاُخْرٰى فَقَاتِلُوا الَّتِيْ تَبْغِيْ حَتّٰى تَفِيْۗءَ اِلٰٓى اَمْرِ اللّٰهِ ۚ (الحجرات:٩)

"جيڪڏهن مومنن جون ٻه جماعتون پاڻ ۾ لڙائي ڪن ته انهن ۾ صلح ڪيو، پر جيڪڏهن هڪڙا ٻين تي ظلم ڪن ته انهن سان جنگ ڪيو جيڪي ظلم ڪن ٿا، ايستائين جيستائين معاملو الله جي حوالي ٿي وڃي".

ان ڪري مظلوم قومن جي پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد عصبيت ناهي. بلڪ جيڪي قومون ظالم آهن، انهن جا استعماري ۽ قبضي گيريءَ وارا جيڪي عزائم آهن، اهي عصبيت آهن. مذهبي بارگاه منجهان يا مفتيءَ جي قلم منجهان مظلوم قومن جي جدوجهد لاءِ عصبيت جون فتوائون جاري ٿين ۽ ظالم قوم جي استعماري ۽ ظالمانه منصوبن کي "قومي مفادن" جا تمغا ڏنا وڃن، ته انهن جي اهڙي ڪردار کي موسويت نه، پر هامانيت چئبو. اهڙو ڪردار ادا ڪندڙ مذهبي پوتار قرآن ۽ اسلام جا نه، فرعونيت جا نمائندا آهن.

### ناجائز نيڪ گمان ڪرڻ

ڪنهن ۾ نيڪ گمان رکڻ خراب شيءِ ناهي، پر نبين سڳورن عليهم السلام ڪانسواءِ يا جيڪي رباني امر جا سفير آهن، تن مان ڪنهن انسان کي ايڏو رتبو ڏيڻ جو ان جو هر قول ۽ فعل، حجت ۽ معيار صحت ڪري سمجهيو وڃي، حقيقت ۾ اهو شرڪ في النبوت آهي. نيڪو ڪارن جي عزت ڪرڻ هر انسان تي فرض آهي، پر اهو حق ڪنهن کي به نٿو پهچي ته هو اسان جي دلين تي ان حيثيت سان حڪمراني ڪري، جنهن ۾ سمجهيو وڃي ته اهي انسان اهڙا آهن جن جا عمل تنقيد کان بالاتر ۽ بشري خطائن کان پاڪ آهن. جيڪڏهن ائين سچ آهي ته پوءِ ان احڪم الحاڪمين لاءِ ڇا بچي ٿو، جنهن جو اعلان آهي ته، اِنِ الْحُكْمُ اِلَّا لِلّٰهِ (الانعام:٥٧) 'حڪومت صرف خدا جي آهي.' ڇا خدا نصارن کي چيو هو ته اُهي راهبن جي علمن کي حجت ڪري وٺن ۽ انهن جي عملن ۽ قولن کي خطائن کان پاڪ ۽ تنقيد کان بالاتر سمجهن. ڇا خدا هي نه چيو آهي ته: اِتَّخَذُوْٓا اَحْبَارَهُمْ وَرُهْبَانَهُمْ اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ نصارن خدا کي ڇڏي پنهنجي عالمن ۽ راهبن کي خدا بڻائي ورتو آهي." (التوبه ٣١) ڇا قرآن انهن کي توحيد جي دعوت هن طرح نه ڏني آهي: قُلْ يٰٓاَهْلَ الْكِتٰبِ تَعَالَوْا اِلٰى كَلِمَةٍ سَوَاۗءٍۢ بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمْ اَلَّا نَعْبُدَ اِلَّا اللّٰهَ وَلَا نُشْرِكَ بِهٖ شَيْـــًٔا وَّلَا يَتَّخِذَ بَعْضُنَا بَعْضًا اَرْبَابًا مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ "اي آسماني ڪتاب وارؤ! هڪ ڳالهه جيڪا اسان ۽ توهان جي وچ ۾ اصولاً هڪجهڙي آهي، اچو ان تي عمل ڪريون، ته اسان صرف خدا کي پوڄيون ۽ ڪنهن کي ان جو شريڪ نه بڻايون ۽ نه خدا کي ڇڏي هڪ ٻي کي خدا بڻايون. (آل عمران، ٦٤)

(مولانا ابوالڪلام آزاد. صدين جون صدائون، ص 147)

**علامہ محمد غزالي**
سنڌيڪار: احمدالدين شر بلوچ

# ايمان جو صحيح تصور ڇا آهي؟

ايمان، ان عام سوچ کان گهڻو اتم ۽ اعليٰ آهي، جيڪا عوام ۾ مشهور آهي. ايمان ڪنهن ماڻهوءَ بابت راءِ ڏيڻ، ڪنهن مسئلي بابت فتويٰ جاري ڪرڻ، ڪنهن فلسفي ڪي ميڻ يا ڪنهن نفسياتي رنگ ۾ رڱجڻ جو نالو نہ آهي، پر هي تہ هڪ گنڀير تعلق جو نالو آهي جيڪو انسان کي سندس ظاهر کان وٺي دل جي اونهائين تائين خالق ڪائنات سان ڳنڍي ٿو ڇڏي. ان مالڪ سان ناتو جوڙي ٿو جنهن ڪيس وجود عطا ڪيو ۽ ان جي پالنا ۽ پرگھور جو بہ هڪ مضبوط انتظام ڪري ڪيس مري کپي وڃڻ کان بچائي ورتو.

جهڙيءَ طرح جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ڪم ڪار سان لڳڻ کان پوءِ هڪ طرف پنهنجي وقت جو پورو پورو استعمال ڪندو آهي ۽ ٻئي طرف پنهنجي حال ۽ مستقبل کي بہ سنواريندو ۽ محفوظ ڪندو آهي: اهڙيءَ ئي طرح جڏهن انسان ايمان جي پڙ ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ڄڻ هو پنهنجي نين ذميدارين ۾ داخل ٿيڻ سان گڏوگڏ انهن کي ڪاميابي سان نڀائڻ جا وسيلا بہ اختيار ڪري وٺندو آهي. قرآن مجيد چٽيءَ طرح سمجهايو آهي تہ خدائي دعوت جي سڏ کان پهريان ماڻهو جهڙوڪر مُردا هوندا آهن. پوءِ جڏهن اهي ماڻهو رسولن جي فرمانبرداري ڪن ٿا ۽ سندن نقشِ قدم تي هلن ٿا تہ سندن دلين ۾ خدا رخي فڪر۽ نظريو جنم وٺي ٿو ۽ پوءِ هو اعليٰ اخلاق ۽ ڪردار جو نمونو بڻجي پون ٿا ۽ هنن جي اندر هڪ اعليٰ زندگيءَ جو ڄڻ تہ نئون روح ڦوڪجي وڃي ٿو.

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اسْتَجِيبُوا لِلَّهِ وَلِلرَّسُولِ إِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيكُمْ ﴿الأنفال: ٢٤﴾

”اي ايمان وارؤ! الله ۽ سندس رسول جو سڏ ورنائيو جڏهن هو اوهان کي (الله تعاليٰ جي فرمانبرداري يعني انفاق في سبيل الله يا جهاد لاءِ) سڏي، انهيءَ لاءِ تہ اوهان کي (روحاني موت جي حالت مان ڪڍي) زندهہ ڪري ڇڏي.“

زندگي رڳو ماسَ ۽ رتُ ۾ واڌاري جو نالو نہ آهي ۽ نہ ئي وري جسم جي عضون ۾ چرپر جو نالو آهي. اهڙيءَ طرح جي زندگي تہ جانور بہ گذارين ٿا ۽ شايد انهن خاصيتن ۾ انسانن کان بہ وڌيڪ سگهارا آهن. حقيقت ۾ زندگي تہ انسان جي انهيءَ ڳانڍاپي جو نالو آهي جيڪو الله تعاليٰ کي سڃاڻڻ کان پوءِ ساڻس قائم ٿئي ٿو، جنهن جو ظاهري اظهار زباني اقرار آهي ۽ اندروني اظهار سندس حڪمن جي اڳيان جهڪي پوڻ آهي. اهڙن ماڻهن جو پنهنجي مالڪ جي اڳيان اظهار هي هوندو آهي تہ:

رَبَّنَا إِنَّنَا سَمِعْنَا مُنَادِيًا يُنَادِي لِلْإِيمَانِ أَنْ آمِنُوا بِرَبِّكُمْ فَآمَنَّا ﴿آل‌عمران: ١٩٣﴾

”اي اسان جا پروردگار! اسان سڏ ڪندڙ (رسول ﷺ)جو سڏ ٻڌو جو ايمان جي طرف سڏي رهيو هو. هو چئي رهيو هو تہ (اي انسانو!) پنهنجي پروردگار تي ايمان آڻيو. پوءِ اسان (سندس سڏ ٻڌو ۽) ايمان آندو.“



هائو، انهيءَ قول قرارڪان پوءِ مؤمن ڄڻ تہ هڪ نئين دنيا ۾ ڪاهي پوي ٿو جتي هو صرف پنهنجي مالڪ الله تعاليٰ جي اڳيان گوڏا کوڙي ٿو ۽ ان جي ئي مرضي مطابق حياتيءَ جا پهر پورا ڪري ٿو. پنهنجي ڏيتي ۽ ليتي، پيار ۽ ڌِڪار، سُڪار ۽ ڏُڪار، سُک ۽ ڏُک، صلح ۽ لڙائي: مطلب تہ هر حال ۾ هو پنهنجي پالڻهار سان ويجهڙائپ جي ڳولا ۽ ان وٽان تڙجي وڃڻ جي خوف کان هو پوري جو پورو سندس فرمانبردار رهي ٿو. اهو ايمان انسان ۾ هڪ نئون روح ڦوڪي ڇڏي ٿو. پنهنجي خالق ۽ مالڪ حقيقي جي سڃاڻپ رکندڙ ۽ ان کان غافل شخص جي وچ ۾ ايترو ئي سنڌو آهي جيترو روشن ڏينهن ۽ اونداهي رات ۾! پنهنجي پالڻهار کان بي خبر انسان مادي ساز و سامان جي لحاظ کان ڀلي ڪٽي ڪيترو ئي سگهارو ڇونہ ٿي وڃي، پر ان جي حيثيت هڪ ڍور کان وڌيڪ نہ آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هو ڪن ڳالهين ۾ هوشيار بہ هجي پر پنهنجي مالڪ حقيقي کان بي خبري هن کي اونداهين جي اونهائين ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيندي جيڪا ڪيس ناڪام ۽ نامراد بنائي ڇڏيندي. بيشڪ اهڙو ماڻهو زندهہ لاش آهي!

أَوَمَنْ كَانَ مَيْتًا فَأَحْيَيْنَاهُ وَجَعَلْنَا لَهُ نُورًا يَمْشِي بِهِ فِي النَّاسِ كَمَنْ مَثَلُهُ فِي الظُّلُمَاتِ لَيْسَ بِخَارِجٍ مِنْهَا كَذَٰلِكَ زُيِّنَ لِلْكَافِرِينَ مَا كَانُوا يَعْمَلُونَ ﴿الأنعام: ١٢٢﴾

”پوءِ ڇا اهو ماڻهو جو مئل هئو ۽ اسان ان کي جيئرو ڪيو ۽ اسان هن جي لاءِ نور ٺهرايو جنهن جي روشنيءَ سان ماڻهن ۾ گهمي ڦري ٿو، سو انهيءَ ماڻهوءَ جهڙو ٿي سگهي ٿو جو اونداهين ۾ غلطان آهي ۽ انهن مان ٻاهر نڪرڻ جي واهہ ئي ڪانهيس؟ ائين ڪافرن جي نظر ۾ اهي ڳالهيون سهڻيون ۽ چڱيون لڳن ٿيون جيڪي هو ڪندا رهن ٿا.“

ايمان واري زندگيءَ ۾ ڦٽندڙ روشني ضمير جا اها روشني هوندي آهي جيڪا انسان اندر نيڪي ۽ بدي، گناهہ ۽ ثواب وغيره وچ ۾ سنڌو ۽ سڃاڻپ ڪرائيندي آهي. انهيءَ ئي سبب ڪري ايمان هڪ احترام لائق شيءِ آهي.

صرف الله تعاليٰ کان بي تعلق ماڻهو ئي دنيا جي رنگينين ۾ ڀنيلجي وڃي ٿو ۽ موقعو ملندي ئي گناهن جي گندگي ۾ ٽپي پوي ٿو. جڏهن تہ مالڪ حقيقيءَ سان ناتو نڀائيندڙ ماڻهو پنهنجي اندر عدل ۽ انصاف، طهارت ۽ پاڪيزگي کي اعليٰ درجي تي رسائڻ جي لاءِ هر وقت جاڪوڙيندو آهي. نتيجي ۾ پوري زمين تي برڪت ۽ معاشري ۾ سُک ۽ سلامتي انهيءَ ايمان جي ڇانوَ ۾ ئي اُڀرن ۽ وڌن ويجهن ٿا. نبي ڪريم ﷺ جن دلين اندر ايمان جي تاثير جي تشبيهہ زمين تي پوندڙ پاڻيءَ جي اثر سان ڏني آهي:

”الله تعاليٰ مونکي جيڪو علم ۽ هدايت ڏئي موڪليو آهي، تنهن جو مثال زمين تي جهجهي مقدار ۾ پوندڙ وڏ ڦڙي مينهن وارو آهي، پوءِ جيڪا زمين ڀلي هوندي سا ئي پاڻي کي چوسي سائي ٿي پوندي.“

ڪري ۽ کوٽي ايمان ۾ اهوئي فرق آهي تہ کرو ايمان ڄڻ ماڻهوءَ ۾ نئون روح ڦوڪي ٿو ۽ هو هڪ مثالي زندگي بسر ڪرڻ لڳي ٿو. جڏهن تہ کوٽو ايمان زندگيءَ تي ڪوبہ اثر نٿو ڇڏي. کرو ايمان انسان کي پنهنجي مالڪ حقيقي جو فرمانبردار ۽ کوٽو ايمان ڪيس فقط پنهنجي نفس جو غلام بڻائي ڇڏي ٿو. حقيقت تہ هيءَ آهي تہ ايمان جي سار سنڀال سون ۽ چاندي جي ڍير کان بہ وڌيڪ سڦلائتي آهي.

اڄ ڪلهه انسان جي دلين ۾ شخصيت پرستي ۽ راڄ پرستي گهر ڪري وئي آهي، جيڪا هڪ قسم جي رياڪاري آهي؛ جنهن جي ڪري عمل ڇِڻَ ۽ دل مرده ٿي وڃي ٿي. ان جو هڪڙو ئي علاج آهي ۽ اهو هي آهي ته انسان پنهنجي سيني عملن جو مرڪز الله تعاليٰ جي خوشنودي کي بڻائي.

حضرت جنيد بغدادي رح جو فرمان آهي ته: ”جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ حضرت آدمؑ واري ڪفايت شعاري، حضرت عيسيٰؑ واري پرهيزگاري، حضرت ايوبؑ وارو صبر، حضرت يحييٰؑ واري فرمانبرداري، حضرت ادريسؑ وارو استقلال، حضرت ابراهيمؑ واري محبت ۽ حضرت محمد ﷺ وارا اخلاق هجن ۽ ان سان گڏ جيڪڏهن سندس دل ۾ غير الله جي لاءِ تِرَ جيتري به جڳهه آهي، ته پوءِ اهڙي ماڻهوءَ جي اهڙين خصلتن جي الله تعاليٰ کي ڪاٻه پرواهه نه آهي.“ انهيءَ ڪري ڏيکاءَ واري هر عبادت ايمان ۽ ثواب لاءِ انتهائي هاڃيڪار آهي. جو ته مينهن جو پاڻي هميشه پلي زمين کي ئي فائدو ڏيندو آهي. پر جيڪڏهن اهو ئي مينهن ڪنهن پٿر تي پوندو ته فقط ان جي سختي کي ئي وائڪو ڪندو.

زندگي کي سنواريندڙ ايمان جي خاص نشاني ئي اها آهي ته ان سان انسان جو پنهنجي پالڻهار سان سچائي ۽ محبت جو گهرو تعلق پيدا ٿي وڃي. ايمان انساني سوچ ۽ جذبن جو رخ موڙي ڇڏي ٿو ۽ فيصلي جي بي پناهه قوت پيدا ڪري ٿو.

توحيد اها ناهي ته اسان فقط پٿرن جي تراشيل بتن کي نه مڃيون، باقي ڌن دولت، شان شوڪت، زال، اولاد ۽ حاڪمن کي پنهنجو معبود بنائي پنهنجي جزوي يا سيني جذبن ۽ احساسن جو رخ انهن ڏانهن موڙي ڇڏيون. ظاهري ۽ ڳجهي طرح جا سيئي جتن انهن کي ئي راضي ڪرڻ لاءِ هجن ۽ باقي ٿورڙين ڳالهين ۾ الله جا ٿي رهون. اهوئي سبب آهي جو ڪيترائي ماڻهو پنهنجي گمان ۾ ته الله تعاليٰ سان وڏو گهرو تعلق رکندڙ هوندا آهن. پر سندن رهڻي ڪهڻي ۾ ان جو ڪو خاص اثر محسوس ناهي ٿيندو. بيڙي ڪڏهن به سڪيءَ تي ناهي ترندي!

صحيح ايمان ۽ توحيد جو اثر انسان جي دل جي ڌڙڪڻ، مقصد، انتظام، رهڻي ڪهڻي ۽ معاشي پيچ ڌُڪ تي اهڙيءَ طرح پوڻ گهرجي جو سيني سرگرمين جو رخ الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ۽ سندس راضپو مرڪز بڻجي وڃي.

غور ڪري ڏسبو ته اسلام جا سيئي رڪن انهيءَ حقيقتن سان ئي تعلق رکن ٿا. مثال طور نماز ۽ روزو ايمان جا اهي رُڪنَ آهن، جيڪي هڪ حد تائين انسان جي فقط پنهنجي ذات سان تعلق رکن ٿا؛ تنهن ڪري هر ماڻهو انهن جي ادائگي جي لاءِ فقط پنهنجي لاءِ جوابده آهي. انهن ارڪانن کي ادا ڪرڻ سان پاڪائي ۽ اخلاص ۾ واڌارو ٿئي ٿو. پر ان سان گڏ ان جو اثر معاشري تي به پوڻ گهرجي، اها به نماز ۽ روزي جي تقاضا آهي. وري ٻيو مثال وٺو: الله جي راهه ۾ جهاد ۽ ان جي حڪمن مطابق انصاف سان فيصلا نبيرڻ لاءِ فردن سان گڏوگڏ پورو معاشرو ذميدار آهي. جو ته انهن معاملن کي سچو معاشرو ئي نبيري سگهي ٿو. اسلام جتي دل ۾ الله تعاليٰ جي هيڪڙائيءَ ۽ سندس اڳيان پنهنجي سيني عملن جي جوابدهي جو يقين پيدا ڪري انسان جي عمل ۽ ڪردار کي سنواري ٿو، اتي وسيلن جي باري ۾ به رهنمائي ڪري ٿو ته جيئن دولت کي معاشري ۾ سڌارڻ ۽ سنوارڻ جو ذريعو بنايو وڃي.



حافظ بيهقي حلال روزي ڪمائڻ کي به ايمان جو هڪ شعبو ٻڌائي ٿو. جو ته حديث ۾ اچي ٿو: ”اي ماڻهؤ! الله تعاليٰ پاڪ آهي ۽ صرف پاڪ شيون ئي قبول ڪري ٿو.“ اهو ئي سبب آهي جو الله تعاليٰ ايمان وارن کي به اهو ساڳيو ئي حڪم ڏئي ٿو جيڪو حڪم پنهنجي رسولن کي ڏنائين:

يَا أَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوا مِنَ الطَّيِّبَاتِ وَاعْمَلُوا صَالِحًا إِنِّي بِمَا تَعْمَلُونَ عَلِيمٌ ﴿المؤمنون: ٥١﴾

”اي پيغمبرؤ! پاڪ شيون کائو ۽ چڱا عمل ڪيو، توهان جيڪي به عمل ڪيو ٿا سي مون کان ڳجها ناهن.“

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا كُلُوا مِنْ طَيِّبَاتِ مَا رَزَقْنَاكُمْ ﴿البقرة: ١٧٢﴾

”اي ايمان وارؤ! سڀ پاڪ شيون کائو جي الله تعاليٰ توهان جي کائڻ لاءِ پيدا ڪيون آهن.“

حلال روزي جي اهميت جو اندازو انهيءَ ڳالهه منجهان لڳائي سگهجي ٿو جو هڪ دفعي نبي ڪريم ﷺ جن هڪ اهڙي ماڻهوءَ جو مثال ڏيندي فرمايو جيڪو هڪ ڊگهي سفر ۾ نڪتل هجي ۽ نهايت ئي حيراني ۽ پريشاني جي حال ۾ آسمان ڏانهن هٿڙا ڪٽي ”يا رب، يا رب!“ پڪاريندو هجي ۽ ان جي دعا قبول نه ڪئي وڃي، جو ته ان جو کاڌو، پيتو ۽ لباس حرام آهي ۽ پرورش به حرام آمدني تي ٿي اٿس. (حديث ۾ اچي ٿو ته الله تعاليٰ مسافر جي دعا کي رد ناهي ڪندو. پر هتي هڪ اهڙي مسافر جي ڳالهه ڪئي وئي آهي جيڪو مسافر هجڻ سان گڏوگڏ پريشان حال به آهي، پر پوءِ به حرام ڪمائي ۽ پرورش جي سبب سندس دعا قبول نٿي ڪئي وڃي – مترجم)

مٿين آيتن ۽ حديث ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ سبق آهي جن ڌن ۽ دولت گڏ ڪرڻ کي پنهنجو مقصد بنائي ڇڏيو آهي ۽ پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن ۽ حرام خوري جي ڪري الله تعاليٰ جي رحمت کان محروم ٿي ويا آهن.

ايمان اسان کان انهيءَ ڳالهه جو به مطالبو ڪري ٿو ته پنهنجن اخلاقن ۽ ڪردارن کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ جو به الڪو رکون. جو ته هڪ حديث ۾ اچي ٿو ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته: ”توهان ۾ سيني کان پلو اهو آهي جنهن جا اخلاق پلا آهن.“ (علامه محمد غزالي رح جي ڪتاب ”اسلام کي باري مين 100 سوال“ تان ورتل)


# تفسير عثماني

## مولانا شبير احمد عثماني

**قرآن مجيد جو ترجمو: حضرت تاج محمود امروٽي تفسير جو سنڌيڪار: مولانا ابو عبدالله انڊڙ**

تفسير عثمان کي برصغير ۾ قرآن شريف جي معارف، مسائل ۽ علوم کي سمجهڻ لاءِ بنيادي اهميت حاصل آهي، ان ڪري تعليمي توڙي درسي مقصدن جي لاءِ مرد توڙي عورتون هن تفسير کي بيحد سهولت وارو ۽ مقبول سمجهندا آهن. صفحا: 1200 هديو: -/500 رپيا

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 5628368-071،
سنڌيڪا بوڪ شاپ، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 –
سنڌيڪا بوڪ شاپ، روم نمبر1، مهراڻ هوٽل، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻو فون: 03468960942
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 3431115-0300

# اسوه نوحي (عليه الصلاة و السلام)

جڏهن کان انسان هن ڌرتي تي جنم ورتو آهي، صداقت ان سان تڏهن کان ئي گڏ رهندي آئي آهي، صداقت ايتري پراڻي آهي جيترو خود انسان. صداقت جي سڪي جا ٻه پاسا آهن:

1. چڱي شيءِ وٺڻ ۽ ان جو حڪم ڪرڻ ۽
2. خراب کي ڇڏڻ ۽ ان کان روڪڻ. جنهن جو اصطلاحي نالو امر بالمعروف و نهي عن المنڪر آهي ۽ اها ئي صراط مستقيم آهي. اڄ جي زبان ۾ توهان ان کي "دعوت الي القرآن" چئي سگهون ٿا. اها خدا جي شريعت اصل ۾ هڪ آهي، توڙيجو ان کي مختلف نالن سان سڏيو وڃي.

عباراتنا شتى و حسنك واحد
و كل ذاك الجمال يشير

تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته صداقتن جو ظهور هميشه هڪ ئي رهيو آهي پوءِ پلي ڪٿي کهڙي به نالي سان هجي.

حضرت ابراهيم۴ ڪلدانين جي بت خاني کي توڙي ڇڏيو. حضرت موسيٰ۴ بني اسرائيل کي فرعون جي غلامي ۽ ظلم جي زنجير کان ڇوٽڪارو ڏياريو پر شيءِ هڪ آهي. هيءَ هر باطل کي مليا ميٽ ڪرڻ چاهي ٿي، جيڪو خدا جي تخليقي مشيت جي خلاف هوندو آهي. پوءِ پلي ڪٿي ان جو نالو توهان سياست، مذهب يا اخلاق جا اباطيل رکوا يا تمدني ترقي يا ضرورت سان ان کي پڪاريو.

پر تاريخ گواهه آهي ته خدا تعاليٰ جي سنت هيءَ رهي آهي ته اونداهيءَ ڪانپوءِ روشني، گمراهيءَ جي رات ڪانپوءِ هدايت جو روشن صبح طلوع ٿيو آهي ۽ جڏهن شيطان جي مصنوعي خوشين کي ختم ڪري رحمان جو آواز بلند ٿئي ته پڪ سمجهو ته صداقت اچي وئي، جيڪا هميشه ايندي رهي آهي. هيءَ اها شيءِ آهي جنهن سخت کان سخت اونداهين ۾ به پنهنجي روشن منهن کي چمڪائي ڪري ظاهر رکيو. حقيقت ۾ هيءَ هڪ تلوار آهي، جنهن کي الله جي هٿ جي قوت ۽ طاقت هوندي آهي ته جيئن شيطان جي فوجن کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏي. هي هڪ حق جو آواز آهي، جنهن کي الله جا نه نظر ايندڙ هٿ مٽي ڪندا آهن ته جيئن شيطاني آبادين ۾ الله جي صدا جي ڏيئي کي روشن ڪري ۽ ان ئي صداقت (امر بالمعروف و نهي عن المنڪر) جو هڪ عظيم ڪردار حضرت نوح۴ آهن.

ڪائنات ۾ پيدا ٿيندڙ واقعا، حادثا يا تبديليون خدا تعاليٰ جي نظر کان ڳجهيون نه هونديون آهن، بلڪ هر شيءِ هڪ قانون جي هيٺ واقع ٿيندي آهي ۽ ان جو فنا ٿيڻ



ٻه هڪ قانون هيٺ هوندو آهي. دنيا ۾ ظلم ۽ زيادتي جي باهه ڀڙيل هوندي آهي، مسجدون ڪيرايون وينديون آهن، خدا جي يادگيري جا گهر ڊاهيا ويندا آهن، ڪمزور جماعتن کي ختم ڪيو ويندو آهي.

خدا تعاليٰ جي نظر انهن سڀني شين کي ڏسندي رهندي آهي، پنهنجي رحمت سان ڍر ڏيندو آهي ته لَعَلَّهُمْ يَرْشُدُوْنَ (البقره:١٨٦) "شايد پاڻ ئي صحيح رستي تي اچي وڃن." پر جڏهن سر ڪش قوتون ان مان ٻه فائدو نه وٺنديون آهن، بلڪ پنهنجي ظلم ۾ اڃا وڌيڪ اضافو ڪنديون وينديون آهن ته پوءِ الله جو قانون حرڪت ۾ ايندو آهي: اِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيْدٌ (البروج:١٢) "بيشڪ تنهنجي پالڻهار جي پڪڙ سخت آهي". جو وعيد عملي ڪردار ادا ڪندو آهي. جڏهن اهو قانون حرڪت ۾ ايندو آهي ته دنيا جنهن تي گهمنڊ ڪندڙ ان کي هميشه وارو سمجهندا هئا، طوفان جي هڪ لهر ۾ صرف ڪجهه منٽن يا سيڪنڊن ۾ هڪ تماشو يا رانديڪو بڻجي ويندي آهي.

ان باري ۾ ڪيترائي ئي طوفان دنيا ڏسي چڪي آهي. حضرت نوح۴ جي دور ۾ آيل طوفان به انهن مان هڪ آهي. تاريخ جو هي حادثو مسيح کان ٽي هزار ٽي سؤ اٺيتاليهه (3339) سال پهريان گذري چڪو آهي. هي واقعو قرآن ۾ مختلف جڳهن تي ذڪر ڪيو ويو آهي، پر ان جو تفصيلي ذڪر سورة هود ۾ آهي. ۽ ان سان گڏ تورات ۾ به ان جو ڪٿي تفصيلي ته ڪٿي اختصار سان ذڪر ڪيو ويو آهي.

هن واقعي ۾ جيڪي الاهي تعليم جا نڪتا ۽ ان جا خاص خاص رخ آهن، اهي هت ذڪر ڪجن ٿا:

1. دنيا پرستيءَ جون شيون جڏهن انسانن کي خدا کان غافل ڪري ڇڏن ٿيون، جڏهن خدا تعاليٰ جي حدن (قانونن) کي توڙيو وڃي ٿو ظلم، زيادتي ۽ ڇڙواڳي عام ٿي وڃي ٿي، علم کي غلط طريقي سان ۽ ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو ترقيءَ ۽ تمدن جون شيون گمراهيءَ جا سبب بڻجي پون. خدا تعاليٰ سان ايترو به لحاظ نه هجي، جو ان جي شعائر جي عزت ۽ عظمت ڪئي وڃي. جڏهن سماج ۾ اهڙي اخلاقي آوارگي پکڙيل هجي ته صداقت جي پرچار (وَ لَاَمُرُوْا بِالْمَعْرُوْفِ وَ النَّهْيَ عَنِ الْمُنْكَرِ) ڪرڻ، حق جو آواز بلند ڪرڻ فرض آهي، پوءِ پلي ڪٿي ان فرض جي ادائگيءَ لاءِ ڪيترين ئي تڪليفون ۽ مشقتون سهڻيون پون، ڪيترين ئي پابنديون وڌيون وڃن. داعي جي حق واري زبان کي ساز شي مجرم جو نالو ڏئي ڪري قيد ڪيو وڃي، صداقت جي لڪتن لاءِ تعزيري ايڪٽ مقرر ڪيو وڃي، پر پوءِ به خاموش ناهي رهڻو. حقيقت ۽ حقيقت جي انجام جو پيغام قوم کي پڌائڻو ئي آهي.
2. حق جي داعي کي پنهنجي ذات، مفاد ۽ خواهشن جو فڪر ڪرڻو نه آهي، نه حڪومت يا صاحب اقتدار ماڻهن کان وڏا منصب ۽ عظيم لقب حاصل ڪري پاڻ کي ممتاز ۽ اعليٰ حيثيت وارو بنائي. هي گمراهيءَ جو رستو آهي، اهڙن منصبن جا خيال سراسر ڌوڪو هوندا آهن. حق جي پرچارڪ کي ظاهر ۾ طعنا

ڏنا ويندا، ان تي ٺٺوليون ڪيون وينديون. سازشي قوتن جي چوڻ تي ماڻهو ان جو بائيڪاٽ ڪندا. ان تي ٺوڪون ڪندا، ان کي چريو چوندا، ان کي ڪوڙو چوندا، پر استقامت وارو اهو آهي جيڪو ثابت قدمي سان ان دعوت جي رستي تي اٽل رهي.

3. حق جا پرچارڪ گهڻا نہ هوندا، انهن وٽ وڏا هجوم نہ هوندا، بلڪ ڪجهہ عام ۽ سادا انسان هوندا، جيڪي دنيا جي نظرن ۾ خسيس ۽ گهٽ نظرن سان ڏٺا ويندا. پر هي ماڻهو اندر جا صاف ۽ اجرا هوندا آهن، سندن ارادا ايترا تہ مضبوط هوندا آهن جو جيڪو ڪم اهي ڪرڻ چاهيندا آهن، اهو ڪري وٺندا آهن.

4. حق جي دعوت ڏيندڙ لاءِ ضروري آهي تہ سندس ڪلام صاف، گفتگو نرم ۽ شائستانہ هجي، ان ۾ تيزي ۽ کهرائپ نہ هجي. ۽ گڏ ڪنهن کي ميرائڻ تي مجبور بہ نہ ڪيو ويندو. بلڪ جيڪو هدايت اختيار ڪري، پنهنجي شعور سان ۽ جيڪڏهن گمراهہ ٿئي، اهو بہ پنهنجي مرضي سان.

5. حق جي دعوت جو ڪوبہ مادي اجر نہ هوندو آهي. نہ ئي ان جي اميد ڪجي. هن مقدس فريضي جو اجر الله تعاليٰ جي طرفان ملندو آهي. تنهن ڪري ان جي طلب بہ ان کان ڪرڻ گهرجي.

6. حق جي داعي سان گڏ جيڪي ماڻهو حق جي دعوت لاءِ ساڻس گڏجي جماعت جي صورت ۾ ڪم ڪندا هجن، انهن کان عليحدگي ۽ لاڳاپا ختم ڪرڻ لاءِ پلي ڪيترو بہ دٻاءُ هجي، پر انهن سان هر وقت ۽ هر حالت ۾ گڏ رهي ۽ ان شيءَ تي سختي سان قائم رهجي.

7. داعي الي الحق وٽ نہ خزانا هوندا، نہ اهو ڪو فرشتو هوندو نہ ئي وري ڪو غيب جو ڄاڻو. عام انسانن وانگي هوندو. ۽ ان ئي حالت ۾ سرڪش طاقتن سان مهاڏو اٽڪائيندو.

8. حق جي پرچارڪ لاءِ موقعي ۽ محل جي تلاش ۽ جاکوڙ اجائي آهي، نہ ئي وري مصلحت جو بهانو. هر حالت ۽ هر وقت ۾ ڪم ڪرڻو آهي. اهڙي شدت سان، تہ ڏسندڙ حيران ٿي وڃن، ٻُڌندڙ تنگ اچي وڃن ۽ سرڪش طاقتون مقابلي لاءِ تيار ٿي وڃن.

9. نتيجي جي پرواهہ نہ ڪرڻ کپي. اهو چاهي مرضي ۽ خواهش جي مطابق نڪري، چاهي ان جي ابتڙ.

10. مسلسل عمل ۽ جدوجهد جي رفتار ۾ تيزي اچي. پلي ڪٽي پروپيگنڊا ڪري ان جي باري ۾ شڪ ۽ شبها پيدا ڪيا وڃن، پر ڪم ۾ سستي ۽ ڪوتاهي نہ ٿئي.

11. جڏهن دل ۽ دماغ تي سرڪشي ۽ تڪبر ۽ ظلم جو رنگ پختو ٿي ويندو آهي، تہ پوءِ اهي حق جي قبول ڪرڻ جي صلاحيت کان ئي محروم رهجي ويندا آهن، تنهن ڪري اهڙن انسانن جي پرواهہ نہ ڪرڻ گهرجي. انهن کان الڳ رهجي. اهي ظالم آهن، سرڪش آهن، اهي سيلاب ۾ فنا ٿي ويندا. توهان صرف



پنهنجي بچاءَ لاءِ ٻيڙيءَ جو بندوبست ڪريو. خا تعاليٰ جيڪا تعليم ۽ سمجهہ عطا ڪئي آهي، ان مطابق عمل ڪريو.

12. ڏاڍن، سرڪشن ۽ ظالمن سان بائيڪاٽ لاءِ، خدا جي ڪري انهن کان عليحدگي اختيار ڪرڻ ۾ رشتيداري ۽ قرابتداري جو لحاظ ۽ پاس رکڻ بلڪل ممنوع آهي، پلي ڪٽي ڪو ويجهو مائٽ يا پٽ ئي ڇو نہ هجي. بس معيار رڳو صداقت آهي. حق جي دائري ۾ جيڪو اندر آهي، اهو محفوظ آهي. جيڪو ٻاهر نڪتو تباهي ان جو مقدر آهي. تنهن ڪري اهڙن مائٽن جي پرواهہ ڪرڻ غلط آهي، انهن جي باري ۾ دعا ۽ معافي جي طلب اجائي آهي، جي ٿي پوي، تہ ان کان توبہ ڪجي.

13. هر هڪ شيءِ لاءِ هڪ وقت مقرر آهي. جڏهن هڪ شيءِ پنهنجي آخري انجام تي پهچي چڪي هجي تہ ان لاءِ پوءِ ڪو ٻيو رستو نہ آهي. ظالمن جو ظلم جڏهن آخري چيڙي تي پهچي ٿو تہ پوءِ ان جو انجام هلاڪت ۽ تباهي آهي. پوءِ خدا جي حجت پوري ٿيندي. عاليشان جڳهون تباهہ ٿي وينديون، عزت ۽ عظمت جا مصنوعي معيار، جن تي گهمنڊ ڪندڙ انهن جي فنا جي نالي کان بہ واقف نہ هئا، اهي مٽجي ويندا ۽ مظلوم طبقو اچي ڪري پنهنجي حقيقي جاءِ (تخت) حاصل ڪندو.

14. باطل ڪانپوءِ حق ايندو، رات ڪانپوءِ صبح نڪرندو، اونداهي ڪانپوءِ روشني جو جلوو ظاهر ٿيندو. شيطاني جماعت ڪانپوءِ رحماني جماعت جو غلبو ٿيندو.

بس هي ئي خدا تعاليٰ جو قانون آهي. ان جي سنت آهي تہ: اَنَّ الْاَرْضَ يَرِثُهَا عِبَادِيَ الصّٰلِحُوْنَ: (الانبياء:١٠٥) ”جيڪي ماڻهو پنهنجن صلاحيتن کي خدا جي مشيت مطابق استعمال ڪن ٿا، اهي ئي زمين تي قائم ۽ ان جا وارث رهندا“.

پوءِ جيڪڏهن خدا جي نالي تي پيدا ٿيل جماعت جي افرادن ۾ بہ عزم ۽ استقلال ڪمزور ٿيندو ويندو تہ سندن مقدر فنائيت آهي. تنهن ڪري ڪاميابي ۽ ان تي قائم رهڻ لاءِ صبر، عزم، ثابت قدمي، استقلال ۽ تقويٰ بنيادي شيون آهن. (بس اهوئي اسوهء نوحي آهي تہ ماڻهو پنهنجي مشن ۾ فنا هجي، صبر جو پيالو ڪنهن بہ وقت سندس هٿن مان نہ نڪري ۽ تقويٰ جي رسي هر وقت ڳچيءَ ۾ پاتل هجي.)

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَذَرُوْا مَا بَقِيَ مِنَ الرِّبٰوٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٢٧٨﴾ فَاِنْ لَّمْ تَفْعَلُوْا فَاْذَنُوْا بِحَرْبٍ مِّنَ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ

اي مومنؤ! جيڪڏهن توهان کي سچ پچ ايمان آهي تہ خدا جو خوف رکو ۽ جيڪو وياج قرضدارن وٽ رهجي ويو آهي سو ڇڏي ڏيو. جيڪڏهن توهان ايئن نہ ڪيو تہ پوءِ الله ۽ ان جي رسول سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار رهو. (البقره. ٢٧٨، ٢٧٩)

# مالي تعاون جو قرآني نظريو

وَيَسْـَٔلُوْنَكَ مَاذَا يُنْفِقُوْنَ ۬ قُلِ الْعَفْوَ ؕ (البقره: ٢١٩)

”اي پيغمبر! تو کان پڇن ٿا تہ ڇا خرچ ڪريون؟ ڪين چئو تہ ضرورت کان وڌيڪ (جيڪو بہ آهي).“

لِيُنْفِقْ ذُوْ سَعَةٍ مِّنْ سَعَتِهٖ ؕ (الطلاق: ٧)

”ڪشادگيءَ وارو پنهنجي ڪشادگيءَ آهر خرچ ڪري.“

وَفِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِ ﴿١٩﴾ (الذاريات: ١٩)

”۽ سندن مال ملڪيت ۾ گهرندڙن ۽ محروم ماڻهن (مسڪينن ۽ گهرج وارن) جو حق آهي.“

انساني معاشري ۾ رهندڙ هر انسان جو بنيادي حق آهي تہ اهو بکايل نہ سمهي. الله تعاليٰ زمين تي هر چرندڙ پرندڙ جي رزق جو ذمو پنهنجي مٿان کنيو آهي. هر انسان جون بنيادي ضرورتون (کاڌ پيئڻ، پائڻ، رهڻ، صحت ۽ تعليم) آسانيءَ سان پوريون ٿيڻ گهرجن. پر هي هڪ فطرت جو اصول آهي تہ سڀ انسان پنهنجن صلاحيتن ۽ لياقتن ۾ برابر ناهن. ڪي طاقتور تہ ڪي ڪمزور، ڪي ذهين تہ ڪي وري نسبتاً غبي يا ڪمزور ذهن. ڪي پنهنجن ضرورتن کان وڌيڪ ڪمائيندا آهن تہ ڪي وري پنهنجون ضرورتون پوريون نہ ڪري سگهندا آهن، تہ ڪي وري ڪمائڻ جي قابل ئي نہ هوندا آهن. تنهن ڪري زندگيءَ جي هن ڊوڙ ۾ ڪي اڳتي نڪري ويندا آهن ۽ ڪي وري پوئتي رهجي ويندا آهن. هڪ طرف اها صورتحال ۽ ٻئي طرف وري ڪي ڏاڍا فرد ۽ طبقا پنهنجي ڏاڍ ۽ استحصال سان ڪمزورن جو حق ڦٻائي رکندا آهن. نتيجي ۾ اهي ڪمزور پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ جي لائق نہ رهندا آهن.

اهڙين حالتن ۾ اسلامي تعليم هيءَ آهي تہ ماڻهو هڪ ٻئي جي مالي مدد ڪن، هڪ ٻئي جو سهارو بڻجن. ان باري ۾ اسلامي تعليم ۾ تمام وڏو زور ڏنو ويو آهي، جيئن مٿي پهرين آيت ۾ آهي تہ انسان پنهنجي ضرورتن کان وڌيڪ سموري جو سمورو خرچ ڪري ۽ ٻي آيت ۾ آهي تہ هر مالدار ۽ پيسي ڏوڪڙ وارو پنهنجي هوند مطابق ٻين جي مدد ڪندو رهي.

۽ آخري آيت ۾ تہ مالدارن جي مال ۾ انهن انسانن جو حق بيان ويو آهي جيڪي پنهنجون ضرورتون پوريون نٿا ڪري سگهن. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ الله جو پيارو انسان اهو آهي جيڪو درياءَ دليءَ وارو هجي. پنهنجي ڪمائي مان ٻين تي خرچ ڪري. رڳو سوال ڪندڙ ڪي نہ ڏئي، بلڪ جيڪي سوال نٿا ڪن يا پنهنجي سفيد پوشيءَ جي ڪري سوال ڪرڻ جي عادت نٿا رکن، انهن وٽ پاڻ وڃي انهن کي سندن حق عطا ڪري. پنهنجي ڪمائي، ٻين جي ضرورتن تي خرچ ڪرڻ اعليٰ انساني ۽ اخلاقي صفت آهي. اسلام ۾ انفاق تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي. جنهن بہ انسان کي مال مليل ٿو، اهو حقيقت ۾ خدا جو عطيو آهي. ان جو شڪريو هيءُ آهي تہ پنهنجن ضرورتن کان وڌيڪ انهن خدا جي ٻانهن تي خرچ ڪري جيڪي ضرورتن کان محروم آهن. ۽ ان صفت جو اعليٰ ۽ بلند درجو هيءُ آهي تہ:

وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓي اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ ۭ (الحشر: 9)

”يعني اهي پنهنجن ضرورتن تي ٻين کي فوقيت ۽ ترجيح ڏيندا آهن“.



# آزاديءَ جو حقيقي مفهوم

دنيا جي ٻين ڪيترن ئي لفظن ۽ اصطلاحن وانگي، اسلامي نقطي نگاهہ کان ”آزاديءَ“ جو مفهوم (Concept) بہ ان مفهوم کان مختلف آهي جيڪو دنيا جي ٻين قومن ۾ سمجهيو يا تصور ڪيو وڃي ٿو.

جيئن ابوالڪلام آزاد رحہ لکن ٿا: ”اسان تورات جا صحيفا ڏٺا، زبور جون دعائون پڙهيون، سليمان جا مثل نظرن جي اڳيان گذريا، يسوع جي اخلاقي تعليم جا واعظ ٻڌا. انهن سيني ۾ هر جاءِ تي عاجزي، انڪساري، نوڙت، ظلم سهڻ، درگذر ڪرڻ، سماحت ۽ عفوو ڪرم جا ظاهر ۾ دل لڀائيندڙ سراب صفت منظر نظر آيا. پر انهن مان اهي اصول ئي پونيرن حذف ڪري ڇڏيا جيڪي قومن ۾ خود داري، سر بلندي ۽ سچ چوڻ جي صلاحيت جا جوهر پيدا ڪندا آهن. جن جي ڪري قومن جي ڳچين ۾ سچائيءَ ۽ آزادي ۽ حق پرستي جو اهڙو تہ ”العروة الوثقيٰ“ هوندو آهي جيڪو نہ تلوار سان ڪٽجي سگهجي ٿو، نہ وري باهہ ان کي ساڙي سگهي ٿي ۽ نہ ئي وري محبت ۽ خوف جا ديو ان کي ٽوڙي سگهن ٿا. چو تہ انهن اهڙي شيءِ کي پنهنجي دماغ ۽ دل ۾ مضبوطيءَ سان جهلي رکيو آهي، جيڪا ٽٽڻ يا ڀڄڻ جي نالي کان واقف ئي ناهي.“ (اسلام مين آزادي ڪا تصور)

اهو آزاديءَ جو ڪهڙو تصور آهي؟ آزاديءَ جي ڇا معنيٰ آهي؟

اهو آهي توحيد جو عقيدو. خدا جي بندگيءَ جو يقين. اسلام جي نظر ۾ آزاديءَ جو مفهوم هي آهي تہ انسان الله کان سواءِ هر ڪنهن جي بندگي ۽ اطاعت کان آزاد ٿي وڃي. ايتري تائين جو پنهنجي نفس، پنهنجن خواهشن، پنهنجن مفادن ۽ اهڙن ٻين قوتن جا طوق لاهي ڪري صرف هڪ خدا جي غلامي جي رسي پنهنجي ڳچيءَ ۾ پائي.

حقيقت هيءَ آهي تہ ڪائنات جي هن تڪويني نظام ۾ انسان جو رتبو ۽ درجو سڀني کان مٿي آهي. هن ڪائنات ۾ انسان کي مرڪزي حيثيت ڏني وئي آهي. قدرت جي طرفان انسان کي هيءَ صلاحيت عطا ڪئي وئي آهي تہ اهو ڪائنات جي سڀني شين مان فائدو حاصل ڪري پنهنجي مقصد تائين رسائي حاصل ڪري، هيءَ پوري ڪائنات انسان کي فرمانبردار ۽ تابع ڪري ڏني وئي آهي. تنهن ڪري اسان ڏسون ٿا تہ انسان پنهنجي عقل ۽ عمل سان هن ڪائنات جي شين کي مختلف صورتن ۽ شڪلين ۾ تبديل ڪري انهن مان پنهنجا غرضَ پورا ڪندو رهي ٿو.

انسان کي ڪائنات ۾ مرڪزي حيثيت يا ٻين جي ڀيٽ ۾ جيڪو ان کي بلند درجو عطا ڪيو ويو آهي، ان جو سبب هيءُ آهي تہ انسان هن دنيا ۾ خدا تعاليٰ جو ”خليفو“ آهي، خدا جي صفتن جو ظهور هن دنيا ۾ انسان جي ذريعي ئي ٿيٽو آهي. ۽ خدا جي صفتن جو جلوه گاهہ بنجڻ جو مطلب آهي تہ انسان پاڻ کي اخلاقي طور تي سگهارو ڪري. اخلاقيات جو سڌارو هڪ گڏيل سٺي معاشري کانسواءِ ممڪن نہ آهي ۽ هڪ سٺو گڏيل معاشرو آزاديءَ کانسواءِ ٻي ڪابہ

معنيٰ نٿو رکي. تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته آزادي ۽ انسان لازم ۽ ملزوم آهن. ان جو ئي نالو دين قيم آهي. يعني آزاد انسانن جي جڙيل معاشري جو قانون، يا انسانيت جي آزاديءَ جو قانون.

تنهن ڪري جيڪي شخص، قومون يا معاشرا، آزاديءَ جي نعمت کان محروم آهن، انهن کي اڳ ۾ آزادي ملڻ گهرجي. ڇو ته آزاديءَ کانسواءِ سٺا ڪردار پيدا ڪرڻ يا بهترين معاشرا جوڙڻ، ناممڪن آهي. ان جو وڏو دليل هي آهي ته حضرت موسيٰ عليہ الصلاۃ والسلام فرعون کي پهريان ائين نه چيو ته: ”مسلمان ٿي!“ بلڪ ان کي چيائون ته: ”بني اسرائيلين کي آزاد ڪر!“ ۽ بني اسرائيلين کي خدا جا حڪم يا قانون يا شخصي ذميواريون به تڏهن ڏنيون ويون جڏهن انهن کي فرعون کان آزادي ملي. ڇو ته غلامي انسان جي صلاحيتن ۽ خوبين کي ختم ڪري ڇڏي ٿي، پوءِ انسان اعليٰ پروگرام يا صحيح نصب العين کي سمجهي نٿو سگهي.

حقيقت ۾ آزاديءَ جي نقطي جي ابتدا به توحيد جو عقيدو آهي ته انتها به توحيد. يا وري چئجي ته توحيد هڪ مرڪز يا محور آهي جنهن جي چوڌاري آزادي طواف ڪري ٿي، يا شايد ڪنهن درجي ۾ اهي ٻئي هڪ به ٿي سگهن ٿا.

توحيد جي اها کهڙي معنيٰ آهي؟ آزاديءَ جو اهو کهڙو مفهوم آهي؟ اها هيءَ معنيٰ آهي ته انسان دنيا ۾ ڪنهن جو به غلام نه آهي. اهو صرف هڪ الله جو ٻانهو آهي. جيڪڏهن اهو پاڻ کي ٻئي ڪنهن جو غلام بڻائيندو ته اهو مشرڪ آهي. ۽ قرآن جو قول آهي ته: ”مشرڪ لاءِ مغفرت نه آهي.“ (النساء)

قرآن جو حڪم هي آهي ته اعليٰ اقتدار ۽ حاڪمانه قوت صرف خدا تعاليٰ جي ئي آهي. اها ئي توحيد آهي ۽ حقيقي آزادي. ان کانسواءِ ٻئي جي اڳيان جهڪڻ، پاڻ کي غلاميءَ ۾ جڪڙڻ آهي. حقيقي آزادي ان نسان کي حاصل آهي جنهن جي دل ۽ دماغ ۾ خدا جو خوف ۽ ان جي اميد سندس مرڪز هجي. حقيقي آزاد معاشرو اهو چئبو جيڪو بادشاهه، شهنشاهه، قانون جو واضع، شارع ۽ قانون ساز اسيمبليءَ جو مرڪز صرف خدا کي مڃيندڙ هجي.

قرآن چوي ٿو ته: لَا تَتَّخِذُوا إِلٰهَيْنِ اثْنَيْنِ ﴿النحل: ٥١﴾ ”ٻه الا ڪري نه وٺو.“ عقيدو ته هڪ خدا جو هجي پر قانون ۽ غلبو يا طاقت وري ڪنهن ٻي قوت لاءِ تسليم ڪجي. جيئن اسلام کان اڳ ۾ انسان هي سمجهندو هو ته حق، طاقت ۽ غلبي جو نالو آهي، پر اسلام ٻڌايو ته نه، بلڪ خدا جو نالو حق آهي ۽ غلبو به ان جو ئي آهي، خدا کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي ”حق“ ناهي ته خدا جي ٻانهن کي غلام بڻائي. ان مان هي به معلوم ٿيو ته حقيقي آزادي، انساني مساوات سان جڙيل آهي، ته سڀ انسان خدا جا ٻانها ۽ ان جا پيدا ڪيل آهن. تنهن ڪري برتري ۽ فوقيت جو ته تصور ئي نٿو ڪري سگهجي ۽ جيڪڏهن برتري ۽ فضيلت آهي به ته مرڪز جي قرب ۽ بعد جي لحاظ کان: إِنَّ أَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللَّهِ أَتْقَاكُمْ ﴿الحجرات: ١٣﴾

انساني حقن جو هي اعلان فرانس جي انقلاب کان يارنهن سو سال پهريان گذري چڪو آهي، هي صرف اعلان ئي نه آهي، بلڪ گبن (Gibon) جي قول مطابق: ”اهڙو معاشرو، جنهن جو مثال ڳولڻ، غلطي ڪرڻ جي مترادف آهي.“



## آزادي جي بنيادي گهرج

هڪ ته آزاديءَ جي سڀ کان پهرين ۽ بنيادي تقاضا، ذهني آزادي آهي. ذهني طور تي جڪڙيل فرد يا قوم يا معاشرو، ڪڏهن به عملي آزادي حاصل نه ڪري سگهندو، بلڪ ان لاءِ تصور به نه رکي سگهندو. خارجي غلاميون چاهي اهي معاشي استحصال، سياسي غلامي يا سماجي جبر ۽ ڏاڍ تي مبني هجن، اهي سڀ ذهني غلاميءَ جا عڪس هونديون آهن.

تنهن ڪري انفرادي طور تي ذهن آزاد هجن، فرد آزاديءَ سان سوچي سمجهي نتيجا ڪڍي ته پوءِ ئي اهو ڪو عملي ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. ڇو ته آزاديءَ سان سوچيل ۽ ڪڍيل نتيجن سان ئي عملي راهون آسان ٿينديون آهن. جيئن مولانا حفظ الرحمان رح چون ٿا:

” هر انسان کي هي بنيادي حق مليل آهي ته اهو پنهنجي عقيدي جي مطابق ڪنهن شيءِ جي فيصلي ڪرڻ ۾ آزاد هجي. ڇو ته سچائيءَ جي تلاش ڪنهن گروهه يا ٽولي جي ميراث نه آهي، بلڪ هر هڪ انسان کي هي حق آهي ته اهو جنهن شي جي باري ۾ صحيح يا غلط جو تصور رکي ٿو ۽ ان وٽ دليل به آهن، ته اهڙي ڳالهه چوڻ ۾ اهو آزاد آهي. پوءِ ڀلي ڪٿي ان جي راءِ ٻين رهنمائن يا قائدين جي خلاف هجي، يا ان جي قومي راءِ جي خلاف هجي. جيڪڏهن اسان ماڻهن کي آزاد طريقي سان سوچڻ کان روڪيون يا انهن کي پنهنجن نتيجن کي بيان ڪرڻ کان روڪيوسين ته ڪيترائي سچائي جا نڪتا تاريخ جي صفحن ۾ چٽجڻ کان رهجي ويندا ۽ انسانيت ڪنهن حد تائين سچائي کان به محروم رهندي. تنهن ڪري اسان کي ايتري نرمي يا آساني ضرور ڪرڻ کپي ته هر انسان کي سندس تصور يا خيال ظاهر ڪرڻ ضرور ڏنا وڃن. پوءِ انهن جي سچائيءَ جي بنيادي معيارن (Universal Truth) تي پرک ڪري فاسد کي ڦٽو ڪجي ۽ سني کي قائم رکجي ته جيئن حق غالب رهي ۽ باطل ختم ٿي وڃي.“

## ترقيءَ لاءِ آزاديءَ جي ضرورت

ٻيو ته عام طور تي چيو ويندو آهي ته ”ترقيءَ لاءِ آزادي ضروري آهي.“ پر هتي جيڪا اهم ڳالهه آهي، اها هيءَ آهي ته اسلامي نقطي نگاهه کان ترقي مان مراد جامع ترقي آهي، جيڪا روحاني ۽ مادي ٻنهي شين تي شامل هجي. يعني دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي آزادي سان جڙيل آهي. اصل ۾ حقيقت هيءَ آهي ته انسان جي زندگي هڪ تسلسل جو نالو آهي، جنهن جا ٻه رخ آهن، پر انهن مان آخري، اول تي موقوف آهي. يعني آخرت جي ڪاميابي، دنيا جي ڪاميابيءَ تي دارو مدار رکي ٿي، جيڪڏهن هتي انسان خدا جي صفتن جو ڪامل درجي ۾ مظهر بڻيو هوندو ته آخرت ۾ راحت ۽ سڪون ۾ رهندو. ۽ دنيا جي ڪاميابي، ان ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ، آزادي تي موقوف آهي. صحيح آزاد معاشرا ئي بهترين اخلاقي شخصيتن کي جنم ڏيندا آهن. تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا ته تمدني ترقي به ڪنهن حد تائين اخلاق کي متاثر ڪري ٿي.

هن مان هي به معلوم ٿيو ته دين ۽ دنيا جي تقسيم جو تصور صحيح نه آهي. مسلم ملڪن ۾ هي رجحان لڌو ويندو آهي ته دين جي حاصل ڪرڻ لاءِ ”ترڪ دنيا“ کي اختيار ڪرڻ گهرجي. دين ۽ دنيا گڏ نٿا ٿي سگهن. مٿي ذڪر ڪيل قضيا هن ڳالهه جو نتيجو آهن ته اسان

اسلام جي مزاج کي سمجھيو ئي نہ آهي. اسلام سڀ کان اڳ ۾ پنهنجي معاشري ۾ پنهنجي نظام جي ڳالھ ڪري ٿو، بلڪ پنهنجن اصولن تي پيدا ڪيل بهترين معاشري کي ٻين قومن جي اڳيان دعوت جي دليل طور پيش ڪري ٿو. تنهن ڪري اهڙي تقسيم جي ڪا بہ گنجائش نہ آهي.

ان باري ۾ اسان مولانا عبيدالله سنڌيؒ جو آخر ۾ هي ٽڪرو بيان ڪيون ٿا، جيڪو "تفسير المقام المحمود" ۾ سورة الانشقاق ۾ لکيو اٿن:

"آخرت جا معاملا سمجھڻ لاءِ هڪ مضبوط ۽ فلسفي ذهن ڪپي. خبر ناهي، الاءِ جو عام مسلمانن جا ذهن ڪنهن منظم ۽ مستحڪم عملي پروگرام جي طرف توجھ نٿا ڏين. اسان جو خيال آهي تہ مخالفن جي پروپيگنڊا انهن جي ذهن کي گهڻو متاثر ڪيو آهي ۽ اهي ان پروپيگنڊا جي اثر هيٺ اچي ويا ۽ ان سان گڏ هن خيال بہ سندن ذهنن کي خراب ڪيو جيڪو ڪن صوفي منش ماڻهن انهن جي اڳيان پيش ڪيو تہ دين ۽ دنيا گڏ نٿا ٿي سگهن، يعني جيڪڏهن مسلمان آخرت جي فلاح ۽ ڀلائي گهرن ٿا تہ دنيا کي بلڪل ڇڏي ڏين. هن فڪر جي غلبي اڳتي هلي مسلمانن کي تمدني ترقي ڪرڻ نہ ڏني، بلڪ ان لاءِ رڪاوٽ بڻجي پيو. جڏهن تہ ڀھرئين دور جا بزرگ دنيا جي ڪمن ڪارن ۾ بہ اڳيا اڳيان هوندا هئا. امام ابو حنيفہ رح پاڻ هڪ صوفي بزرگ هو، پر واپار بہ ڪندا هئا ۽ ان سان شاگردن، فقيرن ۽ غريبن جي خدمت ڪندا هئا." (ص 78)

تنهن ڪري بنيادي نڪتو هيءُ آهي تہ دين جي فلاح لاءِ دنيا جي تعمير ضروري آهي. ۽ دنيا جي تعمير لاءِ آزاديءَ جو هجڻ ۽ آزاديءَ جو جذبو هر وقت زندھ رهڻ ضروري آهي.

تنهن ڪري اسان چئي سگهون ٿا تہ آزاديءَ ڪانسواءِ دين جو ڪافي حصو عمل کان رهجي وڃي ٿو.

تنهن ڪري حقيقي ترقي لاءِ حقيقي آزاديءَ جو هجڻ ضروري آهي.

> غلام جي اندر آقا ٿيڻ جو جذبو ڇو نٿو پيدا ٿئي؟ ان ڪري هو پاڻ جهڙن غلامن کي ڏسي ٿو ۽ سمجهي ٿو تہ اها غلامي صرف مون لاءِ نہ آهي، پر سڀني لاءِ هڪ قدرتي شيءِ آهي، جنهن تي صبر ڪرڻ گهرجي. تنهن ڪري غلامن تي نظر وجهي پنهنجي غلامي تي گواھ بڻيو. جيڪڏهن غلامن جي بجاءِ آقائن کي ڏسي مشاهدو ڪري ها ۽ سوچي ها تہ آخر اهي بہ انسان آهن ۽ انهي زمين تي رهن ٿا تہ هن جو احساس فوراً زنده ٿئي ها ۽ فطرت جي خير ۽ شر کي سمجهي وٺي ها. هڪ مزدور ان ڳالھ ۾ ڇو خوش آهي تہ ارڙهن ڪلاڪن جي محنت جي بدلي ۾ صرف هڪ وقت جي ماني وٺي. اهو ان لاءِ جو هو پاڻ جهڙن ادنيٰ حالت وارن مزدورن کي ڏسي ٿو، پر جيڪڏهن انهن کي جانچي ها جن جي مزدوري ڪري ٿو تہ هن جي اندر بہ جذبو جاڳي ها. هڪ بد انسان برائي ۾ تسڪين جي ڪيفيت ڇو ٿو محسوس ڪري؟ ان لاءِ جو هو بُرن کي ڏسي ويچار ڪري ٿو ۽ سمجهي ٿو تہ انسان ان لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي تہ بُرائي ڪري، جيئن سڀئي ڪري رهيا آهن. جڏهن سڀ گناھ ڪري رهيا آهن تہ هڪ ٻيو گناھ وڌيو تہ ڇا ٿي پيو!
>
> (مولانا ابوالڪلام آزاد، صدين جون صدائون، ص 41)



**عبدالمؤمن ميمڻ.**

# يا الله اسين توسان وچن ورجايون ٿا...

إِيَّاكَ نَعْبُدُ

يا الله! اسين وچن ورجايون ٿا تہ اسان جي ٻانهپ جا سڀ حق توﻻءِ آهن. اسان کي تنهنجي ربوبيت ۽ رحمت جي پناھ گهرجي. اسان غلامي ۽ عبديت جي ڪوڙن طريقن کان تنهنجي پناھ ۾ اچون ٿا. اسان تنهنجي رحمت ۽ ربوبيت جي ذريعن جهڙوڪ: زمين، جهنگلات، ڪارخانا، خام مال جا ذخيرا، قيمتي ڌاتن، پٽرن ۽ ڪوئلي جي کاڻين ۽ تيل جي سرچشمن وغيره تي ذاتي قبضو ڪري نوي سيڪڙو انسانن کي، انهن ذريعن منجهان لاڀ ماڻڻ ۽ ڪين علم ۽ تهذيب جي برڪتن کان محروم ڪندڙ، اقتدار ڌڻين – مالدار ۽ دولتمند طبقي ۽ انهن پاران گهڙيل معاشي نظام، سياسي نظام ۽ جڙتو تهذيب کي نڪرايون ٿا. اهڙي نظام ۽ نظام جي ڌُر ڌڻين کان بغاوت ڪريون ٿا. اسين فقط ۽ فقط تنهنجي ئي نظامِ ربوبيت کي مجون ۽ رائج ڪرڻ چاهيون ٿا، جنهن ۾ پيدا وار جا سمورا ذريعا عوام جي لاءِ وَقف هوندا آهن. جنهن نظام ربوبيت سبب هر فرد غير مشروط طور تنهنجي سمورين نعمتن منجهان ڀرپور فائدا ماڻيندو آهَي. جنهن ۾ هر پورهيت ۽ محنت ڪش، پنهنجي محنت ۽ پورهيي جو پاڻ مالڪ هوندو آهي. تنهن ڪري اسين مفاد پرست ۽ استحصال پسند معاشي، سياسي ۽ تهذيبي نظامن ۽ هر قسم جي بت پرستي، شيءِ پرستي، شخصيت پرستي، ماده پرستي ۽ نفساني خواهشن کان منهن موڙي صرف ۽ صرف تنهنجي ئي ٻانهپ ، بندگي ۽ اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪنداسين.اسان شيطان جي ساٿاري جماعتن ۽ گروهن، فرعوني آمرن، قاروني سرمائيدارن، هاماني دلالن ۽ آزري پيشہ ور مذهبي طبقن کان بغاوت ڪري، تنهنجي حزب الله جو فرد بنجڻ جو عهد ڪريون ٿا.

إِيَّاكَ نَسْتَعِينُ

يا الله! اسان کي تنهنجي جوڙيل قانونن جي حفاظت ۽ پناھ گهرجي.

اسين وچن ورجايون ٿا تہ تنهنجي پيدا ڪيل ربوبيت جي اجتماعي ذريعن تي نجي (Private) ملڪيت قائم ڪندڙ نظام، جنهن جي ڪري اسين پنهنجي محنت ۽ پورهيو وڪڻي پنهنجو ۽ پنهنجي ڪٽنب جو پيٽ پالڻ تي مجبور ڪيا ويا آهيون ۽ اسان جي پورهيي جي مزدوريءَ جي اجرت جو تعين بہ اسان جو ان – داتا ڪندو آهي ۽ اهو بہ ايترو مقرر ڪندو آهي، جنهن سان اسين زندھ رهي ڪري پنهنجي مجازي خدا (دولتمند، زميندار – Boss) جي دولت جي ذخيرن ۾ پنهنجي پورهيي سان واڌارو ڪرڻ جي قابل رهي سگهون. اهڙو معاشي نظام ۽ اهڙو نظام پيدا ڪندڙ طبقن جي خلاف جدو جهد ڪري انهن کي پنهنجي انجام تائين پهچائڻ لاءِ لڳاتار ڪشالا ڪاٽيندي صبر ۽ صلوات (ثابت قدمي ۽ فرضن جي بجا آواريءَ) جي ذريعي صرف ۽ صرف تنهنجي واهر ۽ مدد جا طلبگار آهيون.

اسين بابل جي بادشاهه کان وٺي اڄ تائين جي ترتيب ڏنل دفعات ۽ قانونن کي نڪرايون ٿا، جيڪي مراعات يافته: خوشحال طبقن پنهنجن ذڪاريل مفادن کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ گهڙيا آهن. ڇاڪاڻ جو اهي دفعات ۽ قانون (Constitutions) غلاميءَ جي ڪنهن به جديد يا قديم شڪل کي ميساري نه سگهيا آهن ۽ نه ئي تنهنجي رحمت ۽ ربوبيت جي ذريعن کي عام ماڻهوءَ جي غير مشروط استفادي تائين پهچائي سگهيا آهن. تنهنجي نظامِ ربوبيت جي پيٽ ۾، انسان پاران پنهنجي گهڙيل نظامِ ربوبيت ۾ خرابي اها آهي جو ان ۾ عوام پنهنجون جسماني، خانداني ۽ مادي ضرورتون پوريون ڪري نه ٿو سگهي، جنهن سبب عوام کي يعني ڪنهن به عام ماڻهوءَ کي قلبي اطمينان حاصل ٿي نه ٿو سگهي ۽ اهڙي بي اطمينانيءَ سبب، هو دل جي حضور سان تنهنجي عبادت جا حق ادا ڪري نه ٿو سگهي ۽ نه ئي جبلت جي حيواني تقاضائن تي قابو پائڻ لاءِ پنهنجي عبادت ۽ رياضت منجهان ڪا هڙ حاصل ڪري سگهي ٿو. اهڙي طرح ماڻهوءَ جي فطرت ۾ تنهنجي روح ڦوڪڻ (نفخِ روح) سببان جيڪا الوهي نورانيت ۽ انرجي (Divine Energy) پيدا ٿي آهي، ان نور جي ذريعي نفس تي ضابطي جي ذريعي ترقي ۽ اجاگري ماڻي نه ٿو سگهي. ڇاڪاڻ جوتون انسان کي طينِ لازب (نيڪراٽي مٽيءَ - Mud) ۽ پنهنجي روح جي نور منجهان جوڙيو آهي. تنهن ڪري اهو پڌرو آهي ته جيستائين طينِ لازب، يعني جسم جون گهرجون پوريون نه ٿينديون، جيڪي زندگيءَ جي بقاء لاءِ فوري تڪميل طلب آهن، تيستائين تنهنجي الاهياتي قوت جي گهرجن ڏانهن ماڻهو (پورهيت) متوجه ٿي نه ٿو سگهي.

## حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

- **قرآن حڪيم جي عصري اعلي تعليم ۽ تحقيق جو ادارو**
- **قرآن حڪيم جي دعوت، پرچار ۽ اشاعت جو ادارو**
- **عهد حاضر جي لاءِ مثالي ماڻهن جي تياري جو ادارو**
- **امام شاهه ولي الله جي تعليمي طريقي تي قرآن حڪيم جي عملي الاهياتي ۽ سماجي شعور جو ادارو**

الحمدلله 2 سالن کان سڄي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان سوين عالم، استاد، شاگرد، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ مختلف شعبن جا ماڻهو خط و ڪتابت ذريعي فهم قرآن، تدبر قرآن ۽ حڪمت قرآن ڪورسن جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. امام شاهه ولي الله رحمة الله عليه جي تعليمي طريقي تي جوڙيل هنن ڪورسن ذريعي قرآن مجيد جي عملي الاهياتي فڪر ۽ سماجي شعور سان نه صرف انهن جي علمي ۽ عملي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي بلڪ پنهنجي شخصيت جي ارتقا ۽ سماج لاءِ مؤثر ڪردار جي ادائگي جا مقصد به حاصل ڪري رهيا آهن.

اوهان به قرآن حڪيم جي ذريعي الله جي موڪليل هدايت ۽ حڪمت کان بهره ور ٿيڻ گهرو ٿا ته هيٺين ايڊريس تي خط لکي داخلا فارم گهرائي سگهو ٿا.

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽو سوسائٽي،**
**نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 0300-2707097**



**سنڌيڪار: مولانا شعيب الرحمٰن کهڙو**

عليڪم بسنتي

# نڪاح بابت اسوه حسنه

شادي انسان جي فطري ضرورت آهي، ان جي ذريعي انسان گناهن ۽ ڇڙواڳيءَ کان بچي سگهي ٿو، ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ کي هڪ محفوظ ٺڪاڻو ملي وڃي ٿو، هو نڪاح جي ذريعي زندگيءَ جو ساٿي، غمخوار، رازدان، محافظ، مددگار ۽ همدرد رفيق حيات حاصل ڪن ٿا، جنهن سان انهن ٻنهي جي زندگيءَ کي سهارو ملي وڃي ٿو، قرآن فرمائي ٿو:

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ خَلَقَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا لِّتَسْكُنُوْٓا اِلَيْهَا وَجَعَلَ بَيْنَكُمْ مَّوَدَّةً وَّرَحْمَةً ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ (الروم: 21)

”۽ سندس نشانين مان هي (به) آهي ته، اوهان لاءِ اوهان (جي جنس) مان زالون پيدا ڪيائين ته انهن سان آرام وٺو ۽ اوهان جي وچ ۾ پيار ۽ شفقت پيدا ڪيائين، بيشڪ ان ۾ فڪر ڪرڻ واري قوم لاءِ نشانيون آهن“.

پاڻ سڳورن نڪاح جي ترغيب ڏيندي فرمايو: ”جنهن کي گهر جو خرچ برداشت ڪرڻ جي طاقت هجي ته ان کي نڪاح ڪرڻ گهرجي، ڇو ته نڪاح نظر کي جهڪو رکندو آهي ۽ اوگهڙ کي محفوظ رکندو آهي ۽ جنهن کي نڪاح جي طاقت نه آهي ته اهو روزا رکي، ان سان ان کي نفساني خواهشن تي ڪنٽرول ٿيندو.“ (رواه بخاري)

ظاهر آهي ته نڪاح کان پوءِ انسان جون ذميواريون وڌن ٿيون، خرچ پڻ وڌن ٿا. تنهن ڪري انسان کي نڪاح کان پوءِ انهن ذميوارين جو احساس رکڻ گهرجي. ڇڙواڳي ختم ڪري پنهنجي نفس تي ڪنٽرول رکڻ گهرجي. عام حالتن ۾ نڪاح ڪرڻ سنت آهي ۽ حديث شريف ۾ ان جي ترغيب ڏني وئي آهي، باقي جيڪڏهن گهر جو خرچ برداشت نٿو ڪري سگهي يا ان کي يقين آهي ته آءٌ پنهنجي گهر ٻار سان صحيح هلي نه سگهندس ۽ انهن جو خيال رکي نه سگهندس ته اهڙي ماڻهوءَ لاءِ نڪاح جائز نه آهي. ان لاءِ بهتر آهي ته اهو روزا رکي ته جيئن ان جون جسماني خواهشون حد ۾ رهن، باقي کي ماڻهو سڀ ڪجهه هوندي سوندي ذميوارين کان بچڻ جي لاءِ نڪاح کان ٿاهرو مينهن جيان ڀڄندا آهن ۽ ڇڙواڳيءَ جي زندگي گذاريندا آهن، اها پاڻ سڳورن جي سنت سان بغاوت آهي. ۽ اهو ماڻهو پاڻ سڳورن جو امتي ٿي نٿو سگهي. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم جو فرمان آهي:

النكاح من سنتي فمن رغب عن سنتي فليس مني

”نڪاح منهنجي سنت آهي، جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو، اهو مون مان نه آهي“.

انسان دنيا ۾ ان جي لاءِ نه آيو آهي ته هو ڪجهه وقت جي لاءِ کائي پيئي، عيش ڪري ۽ مري وڃي، بلڪ هڪ انسان تهذيب، پاڪيزگي ۽ برائين کان بچي ۽ ذميواريءَ واري زندگي گذاري اعليٰ مقام تي پهچي سگهي ٿو، هڪ ذميوار انسان جي شاديءَ جو قصو ئي اهو هوندو

آهي تہ هو پنهنجي شريڪ حيات جي تعاون سان پنهنجي نفس کي گناهن کان پاڪ رکي، اهڙن ماڻهن سان ئي الله مدد جو وعدو فرمايو آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

اِنۡ يَّکُوۡنُوۡا فُقَرَآءَ يُغۡنِهِمُ اللّٰهُ مِنۡ فَضۡلِهٖ (النور:32)

”جيڪڏهن اهي غريب هوندا تہ الله کين پنهنجي فضل سان آسودو ڪندو“.

مؤمن ۽ ديندار شريڪ حيات هڪ ٻئي کي نيڪيءَ جي ترغيب ڏيندا آهن ۽ هڪ ٻئي جي لاءِ سهارو بڻجندا آهن، اهوئي سبب آهي جو مرد ۽ عورت ٻنهي کي چيو ويو آهي تہ شريڪ حيات جي انتخاب جي وقت ايمان، دينداري، شرافت ۽ اخلاق جو لحاظ رکو، اهڙا زال مڙس جيڪي هڪ ٻئي سان نيڪيءَ ۾ تعاون ڪن ٿا، انهن بابت پاڻ سڳورن رحمت جي دعا گهري آهي. پاڻ سڳورن جو فرمان آهي آهي:

”اهڙي ٻانهي تي الله تعاليٰ جي رحمت هجي، جيڪو تهجد جي لاءِ اٿي ٿو ۽ نماز پڙهي ٿو ۽ گهرواريءَ کي بہ سجاڳ ڪري ٿو، اها بہ نماز پڙهي ٿي، جيڪڏهن اها سجاڳ نہ ٿي ٿئي تہ ان جي منهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي ٿو. الله جي رحمت هجي ان عورت تي جيڪا رات جو تهجد جي لاءِ اٿي، نماز پڙهي ۽ مڙس کي اٿاري ٿي تہ اهو بہ نماز پڙهي، پوءِ جيڪڏهن هو سستي ڪري تہ ان جي منهن ۾ پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي ٿي“. (ابودائود و نسائي)

حديث قدسيءَ ۾ آهي تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

”آءٌ ارادو ڪندو آهيان تہ دنيا ۽ آخرت جون سڀ خوبيون ڪنهن مسلمان لاءِ گڏ ڪيان، تہ ان کي فرمانبردار دل، ذڪر ڪندڙ زبان، مصيبتن تي صبر ڪندڙ جسم ۽ اهڙي گهرواري ڏيندو آهيان جو جڏهن بہ ان ڏانهن ڏسندو آهي تہ اها ان کي خوش ڪري ويهندي آهي ۽ ان جي غير موجودگيءَ ۾ پنهنجي نفس ۽ ان جي مال جي حفاظت ڪندي آهي“.

هڪ شخص پاڻ سڳورن جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو: جڏهن آءٌ گهر ۾ داخل ٿيندو آهيان تہ منهنجي گهرواري منهنجو استقبال ڪندي آهي. جڏهن گهر کان ٻاهر ويندو آهيان تہ اها مون کي رخصت ڪندي آهي، جڏهن مون کي ڏکويل ڏسندي آهي تہ منهنجي دلجوئي ڪندي آهي ۽ چوندي آهي تہ، جيڪڏهن تون رزق ۽ روزيءَ بابت پريشان ۽ فڪرمند آهين تہ ڏڪارو نہ ٿيءُ، روزيءَ جو ضامن تہ الله آهي، پر جي اخروي معاملي جي باري ۾ فڪرمند آهين تہ الله تنهنجي فڪر ۾ اضافو ڪري. تنهن تي پاڻ سڳورن فرمايو: ”هن دنيا ۾ الله تعاليٰ جا ڪي خاص ۽ مقرب ٻانها آهن، هيءَ عورت بہ الله جي انهن خاص ٻانهن مان آهي. اهڙي گهرواري شهيد جو اڌ ثواب حاصل ڪندي“.

**حق مهر ۽ وليمي جو مسنون طريقو:**

نڪاح هڪ محترم ۽ باعزت تعلق آهي، ان ۾ وڏيڪ ذميوار مرد آهي، تنهن ڪري مرد طالب ۽ عورت مطلوب هئڻ گهرجي. اها طلب خالي هٿين نہ هئڻ گهرجي، بلڪ ان جي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيڻ گهرجي، الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

اَنۡ تَبۡتَغُوۡا بِاَمۡوَالِکُمۡ (النساء: 24)

نڪاح جي وقت مهر مقرر ڪرڻ ضروري آهي، جيڪڏهن ڪو نڪاح جي وقت اهو چوي تہ آءٌ مهر ڏيندس ئي نہ، تہ اهو نڪاح ئي نہ ٿيندو. مهر جو ڪوبہ مقدار مقرر ٿيل نہ آهي، اهو



مڙس جي حيثيت ۽ طاقت تي موقوف آهي. البتہ مهر جو گهٽ ۾ گهٽ مقدار ڏهہ درهم (يعني 62، 30) گرام چاندي آهي. (مظاهرحق 348/3)

پاڻ سڳورن هر معاملي ۾ پنهنجي امت جي رهنمائي فرمائي آهي ۽ انهن لاءِ آساني فرمائي آهي، پاڻ جيڪڏهن گهرن ها تہ سندن لاءِ احد جبل ”سونو“ بڻجي وڃي ها ۽ پنهنجين گهروارين کي قيمتي مهر ادا ڪن ها. پر پاڻ سڳورن پنهنجين گهروارين کي ٻارنهن اوقين کان وڌيڪ مهر ناهي ڏنو. حضرت عمر رضہ جو فرمان آهي، ”عورتن جو مهر حد کان نہ وڌايو، جيڪڏهن مهر جي گهڻائي عزت ۽ بزرگيءَ جو معيار هجي ها تہ ان جا سڀ کان وڌيڪ حقدار پاڻ سڳورا هجن ها، پر مون کي معلوم نہ آهي تہ پاڻ سڳورن پنهنجي ڪنهن گهرواري يا نياڻيءَ جو مهر ٻارنهن اوقين کان وڌيڪ رکيو هجي.“ (ترمذي 132/1)

حضرت عائشہ رضہ جو فرمان آهي تہ، پاڻ سڳورا پنهنجين گهروارين جو مهر ساڍا ٻارنهہ قيام مقرر فرمائيندا هئا. هڪ اوقيو چاليهن درهمن جي هوندو آهي، ساڍن ٻارهن اوقين جا پنج سئو درهم ٿيندا. (رواه مسلم)

**ڏاج جي رسم:**

اڄ ڪلهہ اسان وٽ شاديءَ جي موقعي تي ڏاج جي هڪ بري رسم ۽ رواج پئجي ويو آهي، جنهن جو اسلام سان ڪوبہ تعلق نہ آهي. ڪن عالمن تہ انکي رشوت جي زمري ۾ آڻي حرام قرار ڏنو آهي. اسان وٽ اهو رواج هندن وٽان آيو آهي، هندو پنهنجين نياڻين کي ورثي مان حصو نہ ڏيندا هئا، ان ڪري هو انهن کي ڏاج ڏئي پنهنجي جند ڇڏائيندا هئا، اڄ ڪالهہ مسلمان بہ هندن جي ان رسم جي تقليد ڪري رهيا آهن، اسلام باقاعده نياڻين کي ورثي ۾ حصيدار قرار ڏنو آهي، پر عملي طور تي مسلمانن نياڻين کي ورثي کان محروم ڪري ڇڏيو آهي.

ڪي ماڻهو چون ٿا تہ، ڏاج پاڻ سڳورن جي سنت آهي، ڇو تہ پاڻ سڳورن بي بي فاطمہ رضہ کي ڏاج ڏنو هو، ان لاءِ عرض آهي تہ اهو مروج ڏاج نہ هو، بلڪ حضرت علي رضہ پاڻ سڳورن جو سئوٽ ۽ سندن سرپرستيءَ هيٺ هو، ان بنياد تي پاڻ سڳورن بي بي فاطمہ رضہ کي گهر جون ڪي معمولي ضروري شيون عطا ڪيون هيون، جيڪڏهن ڏاج سنت هجي ها تہ پاڻ سڳورا ٻين نياڻين کي بہ ڏين ها. بي بي فاطمہ رضہ جو ڏاج ڇا هو؟ هڪ چادر، هڪ پاڻيءَ واري مشڪ، هڪ وهاڻو جيڪو اذخر گاهہ سان ڀريل هو. (ڪنزالعمال 113/7)

**وليمو:**

شاديءَ جي موقعي تي پنهنجي حيثيت آهر سادي طريقي تي وليمو ڪرڻ سنت آهي.

پاڻ سڳورا عام طور تي وليمي جي موقعي تي ڪارڪون، ستون يا ٻي ڪا شيءِ دسترخاني تي رکندا هئا ۽ ماڻهن کي دعوت ڏيندا هئا. پاڻ سڳورن سڀ کان وڏو وليمو حضرت زينب رضہ جو ڪيو هو، جو ان تي ٻڪري ذبح ڪئي هئائون. (رواه بخاري)

اڄ ڪلهہ مسلمانن وليمي کي بہ رسم ۽ رواج جي ور چاڙهي ڇڏيو آهي، ڏيتي، ليتي يا اجايو خرچ ۽ اسراف ڪرڻ جو اسلام سان ڪوبہ تعلق نہ آهي، تنهن ڪري ان کان بچڻ گهرجي ۽ پاڻ سڳورن جو ”اسوه حسنہ“ اپنائڻ گهرجي، ان ۾ انسان خفي کان بہ بچي ويندو ۽ سنت جو ثواب بہ حاصل ڪندو.

***